ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اربع 22 جولاءِ 2026ع 07 صفرالمظفر 1448هه صفحا 06 - ملهه 30 وپيه شمارو (336)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Wednesday 22nd July 2026
Daily Ibrat Karachi

”ڏريون صبر ڪن، پاڪستان ايماندار ٿيا ڪڙ طور سهولتڪاري جاري رکندو“: وزيراعظم جي ايران کي خاطري

وزيراعظم شهباز شريف سان ايران جي گهرو وزير اسڪندر مومني جي ملاقات، نائب وزيراعظم اسحاق ڊار، وفاقي گهرو وزير محسن رضا نقوي، عطاءُ الله تارڙ طلال چوڌري ۽ اعليٰ سرڪاري عملدار پڻ موجود هئا

وزيراعظم، پارلين نار ۾ تازي چڪتاڻ تي گهري ڳڻتي جو اظهار، سموريون ڌريون تحمل جو مظاهرو ڪنديون اهڙن قدمن کان پاسو ڪن جيڪي خطي ۾ وڌيڪ عدم استحڪام جو سبب بڻجي سگهن ٿا: وزيراعظم

ايران جي گهرو وزير اسڪندر مومني اسلام آباد ۾ پنهنجي ۽ پنهنجي وفد جي شاندار استقبال تي وزيراعظم جا ٿورا ادا ڪيا ۽ ايراني قيادت پاران وزيراعظم جي لاءِ نيڪ خواهشن ۽ خيرسگالي جو پيغام پڻ پهچايو

ايراني گهرو وزير اسڪندر مومني وزيراعظم محمد شهباز شريف، نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي ثالثي جي اڻٿڪ ڪوشش کي ساراهيو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف نار ۾ تازي چڪتاڻ تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪندي سموريون ڌريون تي زور ڀريو آهي ته اهي تحمل جو مظاهرو ڪندي اهڙن قدمن کان پاسو ڪن جيڪي خطي ۾ وڌيڪ عدم استحڪام جو سبب بڻجي سگهن ٿا. هو اسلامي جمهوريه ايران جي گهرو وزير اسڪندر مومني سان ڳالهائي رهيو هو جنهن آڳاري ڏينهن هتي وزيراعظم بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ايران جو گهرو وزير اسڪندر مومني وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪندي

مسلم ليگ (ن) جي قائد نوازشريف آزاد ڪشمير جو وزيراعظم بڻجڻ جي خواهش ظاهر ڪري ڇڏي

جيڪڏهن چونڊن ۾ ڪاميابي ملي ته وزيراعظم شهباز شريف کي چوندس ته مون کي آزاد ڪشمير جو وزيراعظم بڻايو وڃي، مظفرآباد، راولاڪوٽ ۽ آزاد ڪشمير سان ڏاڍي محبت آهي: نوازشريف

پاڪستان ۾ موٽرويز، هاءِ ويز ۽ ايڪسپريس ويز ٺهيا، پر مظفرآباد جي روڊن جي حالت اڃا ساڳي آهي، جيڪا 30 سال اڳ هئي، مظفرآباد کان ميرپور تائين جهلم درياهه سان گڏ هڪ خوبصورت موٽروي ٺاهڻ جو منصوبو منظور ڪيو ويو هو

منصوبو مڪمل ٿئي ها ته اڄ حالت ٻي هجي ها، ڪڏهن به آزاد ڪشمير ۽ پاڪستان جي ٻين صوبن وچ ۾ فرق نه ڪيو، آزاد ڪشمير به سنڌ، پنجاب جيترو ئي عزيز آهي ۽ سنڌس وڏڙا به ڪشمير مان لڏي آيا هئا

جيڪڏهن مسلم ليگ (ن) جي حڪومت نه هجي ته سڀ ترقياتي منصوبا مڪمل ڪيا وڃن، جيڪڏهن اليڪشن کٽي ته منهنجي خواهش آهي ته شهباز شريف کي چوان ته مون کي آزاد ڪشمير جو وزيراعظم بڻايو وڃي

منهنجي حڪومت جا شروع ڪيل منصوبا مڪمل نه ٿيڻ سبب گهڻو وقت ضايع ٿيو، ڏک آهي، ٻين رڳو نعريبازي ڪئي ۽ ملڪ کي نقصان پهچايو، مسلم ليگ (ن) ٻيهر اقتدار ۾ آئي ته سڀ مسئلا حل ڪنداسين: جلسي کي خطاب

مظفرآباد (م د) پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي قائد ۽ اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف آزاد ڪشمير ۾ ترقياتي ڪم ٻيهر شروع ڪرڻ جو واعدو ڪندي چيو آهي ته جيڪڏهن چونڊن ۾ ڪاميابي ملي ته وزيراعظم شهباز شريف کي چوندس ته مون کي آزاد ڪشمير جو وزيراعظم بڻايو بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: اڏائي ورهين جي نينگري قتل ڪيس، ڊي اين اي رپورٽ ۾ ٽن ماڻهن جا نمونا ظاهر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي قائدآباد علائقي ۾ مبينا زيادتي ڪانپوءِ قتل ٿيل اڏائي ورهين جي نينگري جي ڊي اين اي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ ڪئنيڊا ۾ واپار، سيڙپڪاري ۽ عوامي رابطن کي هٿي ڏيڻ تي اتفاق: گڏيل پڌرنامو جاري

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي دعوت تي ڪئنيڊا جي پرڏيهي وزيرانيتا آنند 20 جولاءِ 2026ع تي پاڪستان جو سرڪاري دورو ڪيو

ٻنهي ڌرين ٻطرفي رابطن ۾ نئين اڀرائي جي آجيان ڪندي واپار، سيڙپڪاري ۽ عوامي رابطن کي هٿي ڏيڻ جي عزم جو اظهار

ڌرين دهشتگردي جي خاتمي ۽ عالمي منظم ڏوهن جي خلاف تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي پڻ اتفاق ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ ڪئناڊا ٻطرفي رابطن ۾ نئين اڀرائي جي آجيان ڪندي واپار سيڙپڪاري ۽ عوامي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم سان ايران جي گهرو وزير اسڪندر مومني جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان ايران جي گهرو وزير بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

افغانستان ۾ ٻوڏ ۽ لينڊ سلائيڊنگ سبب 23 ڄڻا فوت، 100 گم

نورستان ۾ ٻوڏ ۽ مٽيءَ جون ڇپون ڪرڻ سبب 23 ڄڻا فوت ۽ 100 کان وڌيڪ گم ٿي ويا

گم ٿيلن ۾ صوبائي گادي واري شهر پارون جو ميئر ۽ ڪيترائي سرڪاري ملازم به شامل

ڪابل (اي پي پي) افغانستان جي اوڀر صوبي نورستان ۾ ٻوڏ ۽ مٽيءَ جون ڇپون ڪرڻ سبب 23 ڄڻا فوت ۽ 100 کان وڌيڪ بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سپريم ليڊر سان اڃا ڪا ملاقات ڪئي، هو به جنگ جو خاتمو چاهي ٿو: ايراني صدر

هن وقت مجتبيٰ خامنه اي تائين پهچ ۽ ساڻس رابطن جي سطح اڳ کان وڌيڪ وڌي وئي آهي: مسعود پزشڪيان

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني صدر مسعود پزشڪيان چيو آهي ته هن وقت مجتبيٰ خامنه اي تائين پهچ ۽ ساڻس رابطن جي سطح اڳ کان وڌيڪ وڌي وئي آهي صنعتن، ڪاٺين ۽ اقتصادي ادارن جي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

آءِ بي اي سکر ۾ ريڪوڊڪ اسڪالر شپ فائونڊيشن پروگرام جي گريجوئيشن تقريب، ڊگريون ۽ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا

چاغي، بلوچستان سان تعلق رکندڙ 30 شاگردن مان 38 شاگرد فائونڊيشن سيمسٽر مڪمل ڪري کان اڳ ئي پاڪستان جي نامياري يونيورسٽين ۾ داخلا حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب

ان مشن جو مقصد پٺتي پيل علائقن جي باصلاحيت نوجوانن کي معياري اعليٰ تعليم تائين رسائي فراهم ڪرڻ آهي: پروفيسر ڊاڪٽر آصف شيخ

شاگردن کي ايمانداري، محنت ۽ شاندار ڪارڪردگي سان پنهنجي تعليم جاري رکڻ، بلوچستان ۽ پاڪستان جي سماجي ۽ معاشي ترقي ۾ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

ريڪو ڊڪ مائننگ ڪمپني جي سسٽينيبلٽي مئنيجر اسٽيفن هرب شاگردن کي فائونڊيشن سيمسٽر ڪاميابيءَ سان مڪمل ڪرڻ تي مبارڪباد ڏني

سکر (بيورو رپورٽ) سکر آءِ بي اي يونيورسٽي ۾ ريڪو ڊڪ اسڪالرشپ فائونڊيشن پروگرام جي پهرين بيچ جي گريجوئيشن تقريب منعقد، خبر موجب سکر آءِ بي اي يونيورسٽي ۾ ريڪو ڊڪ مائننگ بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

سکر: آءِ بي اي يونيورسٽي ۾ ريڪوڊڪ فائونڊيشن اسڪالر شپ جي گريجوئيشن تقريب کي پروفيسر ڊاڪٽر آصف شيخ خطاب ڪندي

سنڌ حڪومت 2 لک 75 هزار خاندانن جي توانائي جو ضرورتون پوريون ڪرڻ وڃي پئي: شرجيل ميمڻ

18 ارب 20 ڪروڙ ماليت جو سولر سسٽم جي فراهمي جو منصوبو سنڌ حڪومت جو انقلابي قدم آهي

منصوبي سان آف گرڊ علائقن جي هڪ لک 32 هزار خاندان ۽ آن گرڊ علائقن جي هڪ لک 43 هزار خاندان لاڀ ماڻي رهيا آهن

سنڌ حڪومت جو مقصد گهٽ آمدني وارن ۽ ڏورانهن علائقن ۾ رهندڙ مستحق خاندان کي سهولت فراهم ڪرڻ آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت سولر سسٽم ذريعي 2 لک 75 هزار خاندانن جي توانائي جو بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

اسرائيلي فوج جو غزه ۾ رهائشي گهر تي فضائي حملو، ڌار مڙس 4 ٻارن سميت شهيد

اسرائيلي جهازن غزه شهر جي علائقي حي الصبره ۾ هڪ رهائشي گهر کي نشانو بڻايو

اسرائيلي فوجي ڪاررواين ۾ شهيد ٿيلن جو انگ وڌي 1169 ٿي چڪو ۽ 3756 زخمي ٿي چڪا

غزه (اي پي پي) اسرائيلي فوج جنگبندي معاهدي جي ڀڃڪڙين جو سلسلو جاري رکندي آڳاري ڏينهن فجر جي وقت غزه شهر بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

وزيراعليٰ سنڌ شڪايتي سيل ۾ سعديه جاويد عوامي شڪايتون ٻڌيون

هر شهري جي مسئلي کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ وزيراعليٰ جي هدايت آهي: سعديه جاويد

عوامي نمائندا واري واري سان پبلڪ ڪمپلينٽ سيل ۾ ويهي شهرين جون شڪايتون ٻڌي رهيا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد وزيراعليٰ سنڌ جي شڪايتي سيل ۾ عوامي خدمتون سرانجام بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سنڌ پوليس ۾ ڊجيٽل فارنزڪ ليبارٽري قائم ڪرڻ جو فيصلو

جديد ڏوهن کي روايتي طريقن سان منهن ڏيڻ ممڪن ناهي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڊو

اڪثر ڪيسن ۾ موبائل ۽ ڊجيٽل اوزار اهم ثبوت آهن، جديد ٽيڪنالاجي جي ضرورت وڌي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڊو جي صدارت هيٺ سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ سنڌ پوليس جي ڊجيٽل بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

هاڪس بي اسڪيم 33 سالن باوجود مڪمل نه ٿي سگهي

57 هزار پلاٽن واري اسڪيم ۾ ترقياتي ڪم اڻپورا، الاٽين کي قبضو ۽ ليز نه مليا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) لياري ڊولپمينٽ اٿارٽي (ايل ڊي اي) پاران عوام کي گهٽ قيمتن تي رهائشي پلاٽ فراهم ڪرڻ لاءِ بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

وفاقي حڪومت گلگت بلتستان جي نئين چونڊيل حڪومت سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي: وزيراعظم

گلگت بلتستان جي وڏي وزير امجد حسين وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪئي، مختلف معاملن تي ڳالهيون

وفاقي حڪومت گلگت بلتستان جي عوام جي سهولت لاءِ گلگت ۾ پاڪستان آسان خدمت سينٽر قائم ڪرڻ جو منصوبو جوڙي رهي آهي: وزيراعظم

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته وفاقي حڪومت گلگت بلتستان جي عوام جي ڀلائي ۽ بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم سان چين ۾ پاڪستان جي سفير خليل هاشمي جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

گيانچند ايسراڻي جو ايمرجنسي ريسڪيو سروس 1122 جي هيڊڪوارٽر جو دورو

ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول روم سميت مختلف شعبن جو تفصيلي معائنو ڪيو

سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروس 1122 انتهائي اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي: گيانچند ايسراڻي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) باهه لڳڻ يا ٻڏي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير جو سنڌ ۾ پاڻي معاملن جي جائزي لاءِ ماهرن جي ٽاسڪ فورس قائم ڪرڻ جو اعلان

سنڌ طاس معاهدي، 1991ع پاڻي معاهدي ۽ پاڻي جي ورهاست ۾ خالن جو جائزو وٺڻ لاءِ رپورٽ تيار ڪئي ويندي

سنڌ کي مقرر حصي کان گهٽ پاڻي ملي رهيو آهي، پاڻي معاملن تي خدشا برقرار آهن: مراد علي شاهه

ڪٽڪ، گم ٿيل ٻارن، انشورنس ۽ روڊ حادثن بابت به اهم اعلان، ٽريفڪ قانونن تي عملدرآمد سان مسافرن جي تحفظ کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملندي

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه اعلان ڪيو آهي ته صوبائي حڪومت پاڻي سان لاڳاپيل مسئلن جن ۾ سنڌ طاس معاهدو (انڊس واٽرز ٽريٽي)، 1991ع جو پاڻي جي ورهاست جو معاهدو (واٽر اپورشنمينٽ اڪارڊ) ۽ انهن جي عملدرآمد ۾ موجود خالن جو جائزو وٺڻ لاءِ ماهرن جي هڪ ٽاسڪ فورس قائم ڪندي. آڳاري ڏينهن بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ٻان سيد آباد: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

سنڌ حڪومت پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ سنجيده آهي: وڏو وزير

ملڪ اندر تيل جا اگهه ايران آمريڪا سبب وڌي رهيا آهن

ٻان سيد آباد ۾ وڏيري منور حسين ميمڻ جي وفات تي پونئرن سان تعزيت بعد ڳالهيون

ٻان سيد آباد (ن ع) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته سنڌ حڪومت پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

پيٽرول جي قيمت ۾ 4 روپيا 93 پئسا واڌارو، نئين قيمت 320.73 مقرر

ڊيزل جي قيمت ۾ پڻ 7 روپيا 15 پئسا واڌارو، نئين قيمت 367.21 هوندي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) حڪومت پاران پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌارو ڪيو ويو آهي گذريل ڏينهن اوگرا پاران جاري ڪيل بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

نسلن کان ڪشميري آهيان، آزاد ڪشمير ۾ نواز حڪومت آئي ته قسمت بدلائي ڇڏينداسين: مريم نواز

جن جي پنهنجن صوبن جا روڊ ٽٽل آهن، اهي آزاد ڪشمير جا روڊ ڇا ٺاهيندا، جتي ڪرپشن عام ٿي چڪي آهي

ڪجهه ماڻهو هتي اچي تقريرون ڪري رهيا آهن، شڪايتون ۽ الزام هڻن ٿا، توهان آخر ڪنهن جي شڪايت ڪري رهيا آهيو

جتي نون ليگ جي حڪومت آهي، اتي ترقي وڃڻي نظر اچي ٿي، پنجاب جي هر ڪنڊ ۾ ترقياتي ڪم جاري آهن: وزيراعليٰ پنجاب جو جلسي کي خطاب

مظفرآباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز چيو آهي ته جن جي پنهنجن صوبن جا روڊ ٽٽل آهن اهي آزاد ڪشمير جا روڊ ڇا ٺاهيندا؟ ۽ جن صوبن جا وسيلا ڪرپشن جي ور چڙهي وڃن ٿا، اهي آزاد ڪشمير کي ڪهڙا وسيلا ڏيندا؟ مظفرآباد ۾ چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي مريم نواز چيو ته ڪجهه ماڻهو هتي اچي تقريرون ڪري رهيا آهن، شڪايتون ۽ الزام مڙهي رهيا آهن پر مان احترام سان پڇان ٿي ته توهان آخر ڪنهن جي شڪايت ڪري رهيا آهيو؟ هتي حڪومت ته توهان جي آهي. هن چيو ته جن ماڻهن نوجوانن جي هٿن ۾ ڏنڊا ڏنا، اهي سنڌن دوست ناهن. جڏهن ته نواز شريف ۽ هوءَ نوجوانن جي هٿن ۾ ليپ ٽاپ ڏسڻ چاهيون ٿا. مريم نواز چيو ته هوءَ رڳو واعدا ڪرڻ لاءِ نه پر پنجاب حڪومت جي ٻن سالن جي ڪارڪردگي کڻي آئي آهي. جيڪڏهن عوام مسلم ليگ (ن) کي چونڊيو ته آزاد ڪشمير جي قسمت بدلائي ڇڏينداسين. هن چيو ته جتي نون ليگ جي حڪومت آهي اتي ترقي ٿيندي نظر اچي ٿي، پنجاب جي هر ڪنڊ ۾ ترقياتي ڪم جاري آهن ۽ 300 نواز شريف اسڪول تعمير ڪيا پيا وڃن. سنڌس چوڻ هو ته آزاد ڪشمير جي هر ٻار کي مفت تعليم ملڻ تائين سڪون سان نه ويهنداسين. هاٿي اسپتالون ماڻهن وٽ پاڻ پهچنديون. مريم نواز چيو ته هوءَ مظفرآباد مهمان بڻجي نه آئي آهي پر پاڻ کي رت، دل دماغ، روح ۽ نسلن جي لحاظ کان ڪشميري سمجهي ٿي. هن وڌيڪ دعويٰ ڪئي ته جيڪڏهن اڄ ڪشمير ۾ نواز شريف جي حڪومت هجي ها ته هتي ڪو به مسئلو نه هجي ها.

ڪيٽرائي پلاٽ ۽ قيمتي سرڪاري زمينون قبضا مافيا کان خالي ڪرايون ويون آهن: ناصر شاهه

متاثرين جا پلاٽ خالي ڪرائڻ لاءِ پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي مدد حاصل ڪئي ويندي

سنڌ حڪومت الاٽين ۽ متاثرين جي شڪايتن جي ازالي لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي، زيادتي يا ناانصافي برداشت نه ڪئي ويندي

قبضا مافيا خلاف آپريشن بنا رڪاوٽ جاري رهندو، متاثر عدالت وڃڻ کان اڳ لاڳاپيل ادارن سان رابطو ڪن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير ۽ ڪابينا جي لينڊ ڪميٽي جي چيئرمين ناصر حسين شاهه جي صدارت هيٺ ڪابينا جي لينڊ ڪميٽي جو اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ صوبائي وزير سعيد غني ايڊيشنل چيف سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ سنڌ، ڊي جي ڪي ڊي اي، ڊي جي ايڇ ڊي اي، ڊي جي ايس ڊي اي سميت لاڳاپيل ادارن جي اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ سنڌ حڪومت جي لينڊ ڊولپمينٽ ايجنسين سان لاڳاپيل الاٽين جي شڪايتن، زمينن ۽ پلاٽن بابت معاملن ۽ متاثرين کي پيش ايندڙ مسئلن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. اجلاس دوران لاڳاپيل ادارن جي عملدارن متاثرين جي مسئلن جي حل لاءِ جاري قدمن بابت بريفنگ پڻ ڏني. ان موقعي تي ڳالهائيندي ناصر حسين شاهه چيو ته سنڌ حڪومت الاٽين ۽ متاثرين جي شڪايتن جي ازالي لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي ۽ ڪنهن به شهري سان زيادتي يا ناانصافي هرگز برداشت نه ڪئي ويندي. هن لاڳاپيل سمورن ادارن کي هدايت ڪئي ته متاثرين جي حتمي ۽ جامع فهرست تيار ڪئي وڃي ته جيئن انهن جي مسئلن جو ميرٽ تي حل يقيني بڻائي سگهجي. هن چيو ته ڪابينا جي ذيلي لينڊ ڪميٽي جو قيام پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي عوام کي رليف فراهم ڪرڻ واري ويزن ۽ وڏي وزير سنڌ جي هدايتن تحت عمل ۾ آندو ويو آهي، جنهن جو مقصد عوام جي جائز مسئلن جو بروقت حل ۽ انهن جي حقن جو تحفظ آهي. ناصر حسين شاهه چيو ته ايم ڊي اي، ايل ڊي اي ۽ ڪي ڊي اي ۾ ڪيٽرائي پلاٽ ۽ قيمتي سرڪاري زمينون قبضا مافيا کان خالي ڪرايون ويون آهن جڏهن ته باقي هنڌن تي به آپريشن جاري آهي. هن چيو ته متاثرين جا پلاٽ خالي ڪرائڻ لاءِ پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي مدد حاصل ڪئي ويندي. جڏهن ته قبضا مافيا خلاف جاري آپريشن بنا ڪنهن رڪاوٽ جي جاري رهندو. هن وڌيڪ چيو ته متاثرين جي حقن جي تحفظ لاءِ قبضا مافيا خلاف مسلسل ۽ سخت ڪارروائي وقت جي اهم ضرورت آهي ۽ سنڌ حڪومت ان حوالي سان ڪنهن به قسم جي نرمي نه ڪندي. ناصر حسين شاهه متاثرين کي اپيل ڪئي ته هو عدالتن ۾ وڃڻ بدران پهرين لاڳاپيل ادارن سان رابطو ڪن. حڪومت سندن شڪايتن جي ازالي ۽ مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندي.

ڪراچي ۾ حادثن ۽ فائرنگ جي مختلف واقعن ۾ 6 ڄڻا فوت، عورت زخمي

نامعلوم گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار راشد ولد نعيم فوت ٿي ويو

لياقت آباد اعظم نگر ۾ ڇرين جي وار سان 16 سالن جو نوجوان عدنان ولد محبوب خان قتل ٿي ويو

ڪورنگي ۾ فائرنگ سبب عورت زخمي، فوت ٿيل هڪ شخص جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن، واقعن ۽ فائرنگ ۾ 6 شهري فوت جڏهن ته فائرنگ ۾ عورت زخمي ٿي پئي. اختر ڪالوني سگنل جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار 50 سالن جو راشد ولد نعيم فوت ٿي ويو آهي. اورنگي ٽائون سيڪٽر 7 اي ويجهو ريحان هوٽل جي لڳ گهر مان 28 سالن جي فهد جو ڦندو ٻڌل لاش مليو. لياقت آباد اعظم نگر گهٽي نمبر 1 محمدي سوئيٽس جي ويجهو ڇرين جي وار سان 16 سالن جو نوجوان عدنان ولد محبوب خان قتل ٿي ويو آهي. پي اي سي ايڇ ايس سوسائٽي بلاڪ نمبر 2 ماڊل اسڪول جي ويجهو فائرنگ جي نتيجي ۾ 45 سالن جو نسيم عباسي ولد نامعلوم قتل ٿي ويو آهي. بوٽ بيسن ٿاڻي جي حد عبدالله شاهه غازي پل جي مٿان روڊ حادثي ۾ 35 سالن جو نامعلوم شخص فوت ٿي ويو. ابراهيم حيدري جي علائقي چشما گوٺ جي ويجهو گٽر ۾ ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ 35 سالن جو نامعلوم شخص فوت ٿي ويو آهي، جڏهن ته تاحال فوتي جي لاش جي سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي. زمان ٽائون ٿاڻي جي حد ڪورنگي ايائي نمبر ڪوسٽ گارڊ چورنگي سيڪٽر 48 بي جي ويجهو فائرنگ ۾ عورت راحيلا زال رئيس احمد زخمي ٿي پئي آهي.

نالن جي صفائي هڪ مسلسل آپريشن آهي، برسات دوران به مشينري ۽ عملو متحرڪ رهندو: مرتضيٰ وهاب

ميونسپل سروسز عملي جون موڪلون رد ڪيون آهن، آفيسر ۽ انجنيئر چوويهه ڪلاڪ ميدان ۾ موجود رهندا

گلاس ٽاور، گرومندر ۽ ٻين علائقن جي نالن جو معائنو، شهرين کان صفائي مهم ۾ سهڪار جي اپيل

ڪراچي ۾ مون سون تياريون تيز ٿي ويون، 45 وڏن برساتي نالن جي صفائي 15 سيپٽمبر تائين جاري رکڻ جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته برساتي نالن جي صفائي ڪو هڪ دفعي وارو ڪم نه پر پوري مون سون جي موسم دوران جاري رهندڙ مسلسل آپريشن آهي. هن چيو ته برسات دوران به مشينري ۽ عملي کي مڪمل طور تي متحرڪ رکيو ويندو ته جيئن ڪنهن به هنڌ تي برساتي پاڻي جي نيڪال ۾ ڪا رڪاوٽ پيدا نه ٿئي. ان مقصد لاءِ ميونسپل سروسز کاتي جي عملي جون سموريون موڪلون رد ڪيون ويون آهن جڏهن ته آفيسر انجنيئر ۽ لاڳاپيل عملو چوويهه ڪلاڪ ميدان ۾ موجود رهندو. هن چيو ته برساتي نالن جي لاڳيتي صفائي، سمورن چاڪنگ پوائنٽن جي بروقت صفائي، اثرائتي نگراني ۽ بهتر انتظامي هم آهنگي ذريعي شهرين کي وڌ کان وڌ رليف فراهم ڪيو ويندو جيئن مون سون جي برسات دوران روزاني زندگي معمول مطابق جاري رهي ۽ عوام کي غير ضروري تڪليفن کي منهن نه ڏيڻو پوي. هن انهن خيالن جو اظهار مون سون جي برسات کان اڳ شهر ۾ نيڪال آب جي انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ ميونسپل ڪمشنر ابرار احمد جعفر لاڳاپيل آفيسرن ۽ ميونسپل سروسز کاتي جي ٽيم سان گڏ مختلف برساتي نالن جي تفصيلي دوري دوران ڪيو. ان موقعي تي سينيئر ڊائريڪٽر ميونسپل سروسز حنان پٽو شهر ۾ جاري صفائي مهم، نيڪال آب جي انتظامن ۽ مختلف ضلعن ۾ برساتي نالن جي صفائي بابت بريفنگ ڏني. ميئر ڪراچي گلاس ٽاور گرومندر جهانگير روڊ ۽ ڪريسنٽ ڪالوني جي برساتي نالن جو معائنو ڪيو جتي هن صفائي جي ڪم، مشينري جي ڪارڪردگي ۽ چاڪنگ پوائنٽن کي فوري طور صاف ڪرڻ لاءِ ڪيل قدمن جو جائزو ورتو. گلاس ٽاور واري نالي ۾ رڪاوٽ جي شڪايت تي هن لاڳاپيل آفيسرن کي فوري ڪارروائي ڪرڻ جون هدايتون ڏيندي چيو ته جتي به بندش يا رڪاوٽ جي شڪايت ملي، ان کي ترجيحي بنيادن تي ختم ڪيو وڃي. ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته مون سون جي برسات کي نظر ۾ رکندي ڪراچي جي سمورن وڏن برساتي نالن جي مسلسل صفائي ڪئي پئي وڃي ته جيئن برساتي پاڻي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي سمنڊ تائين پهچي سگهي ۽ شهر جي ڪنهن به حصي ۾ پاڻي بيهڻ جي صورتحال پيدا نه ٿئي. هن ٻڌايو ته ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (KMC) جي انتظام هيٺ **45 وڏن برساتي نالن** جي خصوصي صفائي مهم **15 جون** کان شروع ڪئي وئي آهي، جيڪا **15 سيپٽمبر** تائين بنا ڪنهن وقفي جي جاري رهندي. هن وڌيڪ چيو ته ضلعي ڏکڻ اوڀر، وچ، اولهه، ڪورنگي ڪيماڙي ۽ ملير سميت شهر جي سمورن ضلعن ۾ صفائي جو ڪم تيزي سان جاري آهي. هر ضلعي ۾ چاڪنگ پوائنٽن جي سڃاڻپ ڪري مرحليوار صاف ڪيو پيو وڃي ته جيئن برساتي پاڻي جي نيڪال ۾ ڪا رڪاوٽ نه رهي. نالن مان ڪڍيل ڪچرو سڌو سنئون لينڊ فل سائيٽن ڏانهن منتقل ڪيو پيو وڃي ته جيئن شهر ۾ ٻيهر گندگي نه پکڙجي ۽ نيڪال آب جو نظام متاثر نه ٿئي. سمورن ضلعن مان ڪچري جي منتقلي واري عمل جي به مسلسل نگراني ڪئي پئي وڃي. ميئر ڪراچي لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته مون سون جي برسات کان اڳ شهر جا سمورا چاڪنگ پوائنٽ هر صورت صاف ڪيا وڃن ۽ صفائي جي ڪم دوران جيڪڏهن ڪنهن به قسم جي رڪاوٽ پيش اچي ته ان کي فوري طور ختم ڪيو وڃي. هن زور ڀريو ته صفائي جي ڪم ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت يا لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي.

Oil & Gas Development
Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BID

THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-ARIBA Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules;

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SER-CB-DO-328750663-2026	WORKSHOP SERVICES FOR RECERTIFICATION OF WELL-CONTROL EQUIPMENT (BOP)	06.08.2026 1030 Hrs
2.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PnP-60-4188-328954748-2026	ATA-2026 JOBS AT DAKHNI PLANT TEHSIL JAND DISTRICT ATTOCK	06.08.2026 1030 Hrs
3.	OGDCL-SCM-LC-PT-PNP-DAKHNI-328467280-2026	SUPPLY OF OIL REFRIGERANT	06.08.2026 1130 Hrs
4.	OGDCL-SCM-FA-LOCAL-CB-328411293-2026	SUPPLY OF CEMENT CLASS G	10.08.2026 1100 Hrs
5.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-CnESS-60-4167-328584827-2026	CONSULTANCY FOR BUNKERS AT JHAL MAGSI, BALOCHISTAN PROVINCE	11.08.2026 1030 Hrs

EXTENSION IN BID

CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice published in newspaper(s) on **08.07.2026**, it is notified that the bid submission/opening date of the following case (s) has been extended as follows:

SR #	TENDER NO	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-EXPL-324675383-2026	HIRING OF SERVICES FOR INTEGRATED SEQUENCE STRATIGRAPHIC STUDY FOR RANIPUR EXPLORATION LEASE (E.L)	04.08.2026 1030 HRS

3. Bidders who have already submitted and sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date and time.
5. Tender Notice and detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or discovery.ariba.com/profile/AN01562899621. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue,
Blue Area Islamabad-Pakistan.
Ph: +92 (51) 92002 3540 / 3795

ogdcl.com
No. 32/02

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

بقايا 1 روزاني عبرت

رپورٽ سامهون اچي وئي آهي رپورٽ موجب نينگري جي ڪيٽن تان گهٽ ۾ گهٽ ٽن مختلف ماڻهن جو ڊي اين اي مليو آهي پوليس موجب شروعاتي طور 14 ڄڻن جا ڊي اين اي نمونا حاصل ڪيا ويا هئا، جڏهن ته جاچ دوران وڌيڪ ماڻهن جا به نمونا ورتا ويا آهن پوليس جو چوڻ آهي ته ابتدائي اطلاعن موجب شڪ ظاهر ڪيو ويو هو ته نينگري کي مبينا زيادتي ڪانپوءِ قتل ڪيو ويو جاچ دوران نينگري جي چاچي ۽ ٻين ويجهن مائٽن جي مبينا ملوث هجڻ جا انڪشاف سامهون آيا آهن پوليس موجب نينگري جي چاچي مبينا طور ٻارڙي کي قتل ڪرڻ ڪانپوءِ لاش گهر جي ڪمري ۾ لڪائي ڇڏيو هو پر لاش کي ٺڪاڻي لڳائڻ جو موقعو نه ملڻ سبب بعد ۾ ان کي گهر ٻاهران ڇڏي ڏنو ويو پوليس جو وڌيڪ چوڻ آهي ته ڪيس ۾ وڌيڪ ماڻهن جي ملوث هجڻ جو به امڪان آهي جڏهن ته هيل تائين عورت جي مڙس خلاف ڪو به ثبوت سامهون نه آيو آهي جاچ جاري آهي ۽ وڌيڪ حقيقتون سامهون اچڻ جي اميد ظاهر ڪئي پئي وڃي.

بقايا 2 روزاني عبرت

هائوس ۾ ساڻس ملاقات ڪئي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب ملاقات ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار، وفاقي گهرو وزير سيد محسن رضا نقوي، اطلاعات ۽ نشريات وارو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ وزيراعظم جو صلاحڪار ڊاڪٽر سيد توقير شاهه گهرو معاملن وارو مملڪتي وزير طلال چوڌري ۽ اعليٰ سرڪاري عملدار پڻ موجود هئا. وزيراعظم هن مهيني جي شروع ۾ تهران جي پنهنجي دوري جو ذڪر ڪندي جتي هن مرحوم سپريم ليڊر آيت الله سيد علي خامنه اي جي جنازي ۾ شرڪت ڪئي، سپريم ليڊر آيت الله سيد مجتبيٰ حسيني خامنه اي ۽ صدر ڊاڪٽر مسعود پزشڪيان جي لاءِ پنهنجي نيڪ خواهشن ۽ احترام جو پيغام پهچايو. وزيراعظم نار ۾ تازي چڪتاڻ تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪندي سمورين ڌرين تي زور ڀريو آهي ته اهي تحمل جو مظاهرو ڪن ۽ اهڙن قدمن کان پاسو ڪن جيڪي خطي ۾ وڌيڪ عدم استحڪام جو سبب بڻجي سگهن ٿا. هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته پاڪستان هڪ

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
جلال پور ڪئنال وهائڻ خلاف پ پ پاران احتجاج جو سڏ!
صفحو 4

راجا زاهد اختر خانزاده
جڏهن اقتدار ۽ اسٽيج ڇڏڻ وسري ويو!
صفحو 4

ڪشمير جي نئين سياسي وات
محمد خان ابڙو
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن ـــ 22 جولاءِ
صفحو 4

پي پي ايڇ آءِ جون دوائون مبينا طور مسسورڳڙهي جي ميڊيڪل اسٽورن تي وڪرو ٿيڻ جو انڪشاف

مسسورڳڙهي جي خانگي ميڊيڪل اسٽورن تي پي پي ايڇ آءِ جون دوائون مبينا طور وڪرو ٿيڻ جي وڊيو وائرل

اڪثر اسپتالن ۾ بنيادي صحت مرڪزن ۽ زندگي بچائيندڙ دوائن جي شديد کوٽ هجڻ سبب غريب مريض سخت پريشان

تعلقي حيدرآباد روورل جي سمورين اسپتالن ۾ دوائن جي فراهمي يقيني بڻائي، جيئن غريب مريضن کي علاج جي بنيادي سهولت ملي سگهي: شهري

ڪنڌڪوٽ پوليس جو بي آءِ ايس پي رقم ۾ ڪٽوتي خلاف ايڪشن

دوست آباد ۾ ڪارروائي ڪندي مبينا طور ڪٽوتي ڪندڙ ڊيوائس هولڊر گرفتار

سرهاري دوست آباد ۾ مبينا طور ڪٽوتي ڪندڙ ڊيوائس هولڊر لاڪپ ٿيل آهن

شهدادپور لڳ چار برانچ واهه ۾ گنجائش کان وڌيڪ پاڻي ڇوڙ ڪرڻ سبب اوور ٽاپ ٿيڻ لڳو

گنجائش کان وڌيڪ ڇوڙ ڪرڻ سبب پاڻي اوور ٽاپ ٿي بندن تي اچي اٿلڻ لڳو، ڳڀارو پوڻ جو خدشو

اطلاع باوجود ايريگيشن عملو نه پهچي سگهيو، ڳڀارو پوڻ جي صورت ۾ ڳوٺن جا ڳوٺ ۽ زمينون ٻڏي وينديون

فوري طور هنگامي بنياد تي بند ڪيل شاخن ۽ واٽر ڪورس کي کولي چار برانچ واهه جي پاڻي کي گهٽائي وڏي نقصان کان بچايو وڃي: رهواسي

شهدادپور چار برانچ واهه ۾ گنجائش کان وڌيڪ پاڻي ڇوڙ ڪرڻ سبب اوور ٽاپ نظر اچي ٿي

خدشو آهي. آبادگار ڊاڪٽر بچل ڳڙواڻي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته آبپاشي کاتي جي نااهلي سبب ۽ رشوت نه ملڻ تي سنگهر شاخ ۽ ٻين واٽر ڪورسن کي بند ڪري چار برانچ واهه ۾ پاڻي جو زبردست چاڙهه اچي بندن کان ٻاهر اوور ٽاپ ٿي اٿلڻ لڳو آهي، پر افسوس جو اطلاع باوجود آبپاشي توڙي ايريگيشن انتظاميا واقعي واري هنڌ پهچڻ لاءِ تيار ناهي، چار برانچ واهه کي ڳڀارو پوڻ جي صورت ۾ ڳوٺن جا ڳوٺ توڙي زمينون پاڻي هيٺ اچي وڃڻ نقصان ٿي سگهي ٿو هنن وڌيڪ چيو هٽ وٺي اسان آبادگارن جون زرخيز زمينون پاڻي لپ لاءِ سڪائي هاڻ ٻوڙائڻ چاهن ٿا. هنن آبپاشي وزير سميت لاڳاپيل انتظاميا کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته فوري طور هنگامي بنياد تي بند ڪيل شاخن ۽ واٽر ڪورسن کي کولي چار برانچ واهه جو پاڻي گهٽائي وڏي نقصان ٿيڻ کان بچايو وڃي

نوشهروفيروز ضلع ڪائونسل جو اجلاس، هڪ ارب رپين کان وڌيڪ جي بجيٽ منظور

مالي سال 2026--27 لاءِ 99 ڪروڙ 82 لک 93 هزار 223 رپين جو بجيٽ ايوان ۾ پيش ڪئي وئي

ساليانه بجيٽ ۾ 3 ڪروڙ 5 لک 88 هزار 925 رپين جي بچت پڻ ظاهر، مختلف شعبن لاءِ هيٺيان فنڊ مختص

ملازمن جي پگهارن لاءِ 22 ڪروڙ 52 لک 36 هزار 776 رپيا، رٽائرڊ ملازمن جي پينشن لاءِ 9 ڪروڙ 27 لک 62 هزار 596 رپيا مختص ڪيا ويا

نوشهرو فيروز(ن ع) نوشهروفيروز ضلع ڪائونسل جو اجلاس هڪ ارب رپين کان وڌيڪ جي بجيٽ منظور ترقياتي منصوبن ۽ عوامي ڀلائيءَ تي خصوصي توجهه ڏني وئي آهي، چيئرمين سهيل اختر عباسي تفصيل موجب ضلعي ڪائونسل نوشهرو فيروز جو بجيٽ اجلاس ڪائونسل ميمبر مسرور راڄپر ڪنوينر طور هلايو جنهن ۾ نوشهرو فيروز ضلعي لاءِ مالي سال 2026–27 لاءِ 99 ڪروڙ 82 لک 93 هزار 223 رپين جو بجيٽ ايوان ۾ پيش ڪئي وئي، جنهن کي منظوري ڏني وئي اجلاس ۾ ضلع ڪائونسل جي چونڊيل ميمبرن ۽ آفيسرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ساليانه بجيٽ ۾ 3 ڪروڙ 5 لک 88 هزار 925 رپين جي بچت پڻ ظاهر ڪئي وئي بجيٽ ۾ مختلف شعبن لاءِ هيٺيان فنڊ مختص ڪيا ويا. ملازمن جي پگهارن لاءِ 22 ڪروڙ 52 لک 36 هزار 776 رپيا، رٽائرڊ ملازمن جي پينشن لاءِ 9 ڪروڙ 27 لک 62 هزار 596 رپيا، قومي ڏهاڙن جي تقريبن لاءِ 4 ڪروڙ 50 لک رپيا، قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ 50 لک رپيا، ضلعي ۾ گندي پاڻي جي نيڪال ۽ مڇر مار اسپري مهم لاءِ 4 ڪروڙ 50 لک رپيا، خاص ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ هڪ ڪروڙ رپين مان سلائي مشينون فراهم ڪيون وينديون عوامي تفريح پارڪن جي بهتري ۽ وڪڻاريءَ لاءِ 66 لک رپيا ضلعي ڪائونسل جي نئين عمارت جي تعمير لاءِ 10 ڪروڙ رپيا، نون ترقياتي منصوبن لاءِ 30 ڪروڙ 80 لک رپيا، جاري ترقياتي اسڪيمن لاءِ 8 ڪروڙ 87 لک رپيا، پريس ڪلب لاءِ 10 لک رپيا، ضلعي ڪائونسل ڊسپينسري لاءِ 15 لک رپيا، سولر پينل سسٽم جي تنصيب لاءِ هڪ ڪروڙ رپيا پڻ بجيٽ ۾ شامل ڪيا ويا. اجلاس کي خطاب ڪندي ضلع ڪائونسل چيئرمين سهيل اختر عباسي چيو ته هن بجيٽ جو مقصد ضلعي ۾ ترقياتي ڪمن کي تيز ڪرڻ، عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ فلاحي منصوبن کي مؤثر نموني سان مڪمل ڪرڻ آهي اجلاس ۾ عبدالرزاق ميبجو روشن وسطڙو حاجي بخشل سهتو اريبلو اوڊ، غلام حيدر پيرٽ ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ٽاٽي بولاخان شهري ايڪشن ڪميٽي جي وفد جي گيانچند ايسراڻي سان ملاقات

ملاقات دوران ڪوهستان جي مختلف بنيادي مسئلن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

گيانچند ايسراڻي ريسڪيو 1122 جي اسٽيشن قائم ڪرڻ لاءِ جلد ئي قدم کڻڻ جو يقين ڏياريو

ٿاڻوبولاخان (ن ع) ٿاڻي بولاخان جي شهري ايڪشن ڪميٽي ٿاڻوبولاخان جي هڪ وفد بحالي کاتي جي صوبائي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي سان سندس ڪراچي واري آفيس ۾ ملاقات ڪري ڪيس ٿاڻوبولاخان شهر سميت ڪوهستان جي مختلف مسئلن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي جڏهن ته صوبائي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي سان ملاقات دوران ٿاڻوبولاخان ۾ ريسڪيو 1122 جي اسٽيشن جي قيام بابت پڻ تفصيلي ڳالهه ٻولهه دوران وفد ڪوهستان جي رهواسين کي ايمرجنسي جي صورت ۾ درپيش مسئلن کان آگاهه ڪيو ان موقعي تي هن ٿاڻوبولاخان شهر ۾ ريسڪيو 1122 جي اسٽيشن قائم ڪرڻ لاءِ جلد ئي قدم کڻڻ جو يقين ڏياريو شهري ايڪشن ڪميٽي پاران ٿاڻوبولاخان ۾ نيشنل بئنڪ جي واحد برانچ ۾ اي ٽي ايم مشين جي سهولت نه هئڻ سبب هزارين اڪائونٽ هولڊرن ۽ واپارين کي پريشاني جو منهن ڏسڻو پئي ٿو جنهن تي صوبائي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي نوٽيس وٺندي موقعي تي نيشنل بئنڪ جي زونل هيڊ سان رابطو ڪري آگاهي ڏني جنهن پڻ جلد ئي برانچ ۾ اي ٽي ايم جي سهولت ڏيڻ جو وعدو ڪيو وفد پاران ٿاڻوبولاخان کان حيدرآباد ۽ مادر علمي ڄامشورو لاءِ پيپلز بس سروس شروع ڪرڻ لاءِ گذارش ڪئي وئي ان حوالي سان پڻ ان موقعي تي صوبائي وزير شرجيل ميمڻ سان رابطو ڪري ڪيس آگاهي ڏني شهري ايڪشن ڪميٽي جي وفد ۾ خليل ميمڻ ڪامران خاصخيلي راشد نظير ميمڻ محمد حنيف خاصخيلي ۽ ٻيا شامل هئا وفد پاران علائقي ۾ منشيات ۽ وڌن جي واڌي بابت پڻ آگاهي ڏني ان موقعي تي صوبائي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي وفد سان ڳالهائيندي چيو ته ڪوهستان منهن جي جنم ڀومي آهي جتي 1997 کان وٺي پيپلز پارٽي جي پليٽ فارم تان مختلف ترقياتي ڪم ڪرايا ويا آهن ٽاٽي بولاخان شهر ۾ ڊگري ڪاليج جو قيام سميت ڪوهستان ۾ برساتي نئين تي پليون اڏڻ ۽ ڪوهستان جي مختلف ڳوٺن ۽ شهرن کي هڪ ٻئي سان توڙي ايم نائن موٽروي سان ڳنڍڻ لاءِ پڪا روڊ ۽ ٻيون اسڪيمون ڏنيون آهن هن وڌيڪ چيو ته اسان عوامي خدمت تي يقين رکون ٿا بنا فرق جي ڪوهستان سميت سنڌ جي ماڻهن جي خدمت ڪئي آهي عوام لاءِ منهنجا دروازا سدائين کليل آهن

ٿاڻو بولاخان وفد گيانچند ايسراڻي سان ملاقات ڪندي

دريائن جي پسگردائي ۾ موجود ماڻهو محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل

ٿي وڃن: ڊي جي پي ڊي ايم اي

لاهور(اي پي پي) پنجاب جي اڪثر دريائن ۾ پاڻي جو وهڪرو معمول وارو آهي پي ڊي ايم اي مطابق سنڌو درياهه ۾ ڪالا باغ ۽ چناب درياهه ۾ خانڪي وٽ هيٺين درجي جي ٻوڏ واري صورتحال آهي سنڌو درياءَ ۾ ڪالا باغ وٽ پاڻي جو وهڪرو 2 لک 69 هزار ۽ ڇوڙ 2 لک 62 هزار آهي. خانڪي وٽ پاڻي جو وهڪرو هڪ لک 13 هزار ۽ ڇوڙ هڪ لک 6 هزار آهي جڏهن ته تربيلا ٽونسه ۽ چشمه وٽ پاڻي جو وهڪرو معمول وارو آهي چناب درياهه ۾ مرالا، تريمن پنجند ۽ قادر آباد وٽ پاڻي جو وهڪرو نارمل آهي راوي درياهه ۾ جسڙ، شاهدره هيڊ سڌناءِ ۽ بلوڪي وٽ پاڻي جو وهڪرو نارمل آهي ستلج درياهه ۾ گنڊا سنگهه والا سليمانڪي ۽ هيڊ اسلام ۾ پاڻي جو وهڪرو نارمل آهي ترجمان مطابق راوي درياهه ۽ چناب سان لاڳاپيل نالن ۾ به ٻوڏ جي وارننگ جاري ڪئي وئي آهي. اهڙي طرح ڊيره غازي خان ۾ پاڻي جو وهڪرو نارمل آهي پر فليش فلڊنگ جي وارننگ جاري ڪئي وئي آهي . ترجمان مطابق 24 جولاءِ تائين پنجاب جي دريائن ۾ پاڻي جي صورتحال ۾ اضافي جو خدشو آهي جڏهن ته لاهور گوجرانوالا سيالڪوٽ، سرگوڌا، اوڪاڙا، ساهيوال بهاولنگر ۽ راولپنڊي ڊويزن ۾ اربن فلڊنگ جو خدشو آهي ڊي جي پروفيشنل ڊزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي (پي ڊي ايم اي) عمر عباس چيو ته دريائن جي پيٽ ۾ موجود شهري فوري محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل ٿي وڃن پنجاب حڪومت طرفان ٻوڏ متاثر علائقن ۾ فلڊ رليف ڪيمپون قائم ڪيون ويون آهن فلڊ رليف ڪيمپن ۾ سمورين بنيادي سهولتن ۽ دوائن فراهم ڪيون وينديون هن شهرين کي اپيل ڪئي آهي ته هو خراب موسم ۽ ٻوڏ جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي احتياطي تدبيرون اختيار ڪن

ٿري جي هيومن رائيٽس پروٽيڪشن فورم جي آفيس ۾ تقريب

اسسٽنٽ ڪمشنر ميرواهه شهر جي مسئلن جي حل لاءِ يقين ڏياريو

تنظيم جا ميمبر عوامي ڀلائي جا ڪم سرانجام ڏين پيا: اسسٽنٽ ڪمشنر

ٿري ميرواهه(ن ع) هيومن رائيٽس پروٽيڪشن فورم جي آفيس ۾ تقريب، اسسٽنٽ ڪمشنر ميرواهه شهر جي مسئلن جي حل لاءِ يقين ڏياريو ٿري ميرواهه انساني حقن جي اداري هيومن رائيٽس پروٽيڪشن فورم خيرپور اپٽ ٿري ميرواهه واري آفيس ۾ اهم پروگرام ڪيو ويو جنهن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر گل فيصل ميرواهه تعلقي بار ايسوسيئيشن جي صدر ايڊووڪيٽ مهتاب احمد شر ۽ سماجي اڳواڻ محمد امين خاصخيلي شرڪت ڪئي تنظيم جي ٽيم مهمانن جو استقبال ڪيو تقريب جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي جنهن کان پوءِ مهمانن کي سنڌ جي ثقافتي سوغات طور اجرڪون اوڍايون ويون ان موقعي تي تنظيم جي نمائندن اسسٽنٽ ڪمشنر کي ٿري ميرواهه شهر کي درپيش مختلف مسئلن بابت آگاهه ڪيو خاص طور تي هٿرادو مهانگائي عوامي سهولتن جي کوٽ ۽ گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول ۾ پيئڻ جي پاڻي جي سهولت نه هجڻ واري مسئلي تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ۽ ان جي جلد حل لاءِ اپيل ڪئي وئي تقريب ۾ هيومن رائيٽس پروٽيڪشن فورم جي مرڪزي اڳواڻ منظور حسين دشتي ايڊووڪيٽ مهتاب احمد شر ايڊووڪيٽ عمران راڄ شر محمد امين خاصخيلي غلام شبير خاصخيلي الله نواز دشتي ايڊووڪيٽ غلام محمد جوڳي محمد شريف ٿل پروز علي پٺاڻ اوشاق علي جوڳي امر ڪمان سيد منظور حسين شاهه سيد آصف علي شاهه محمد يوسف خاصخيلي غلام نبي اسلامي عاشق علي اسلامي عليم آرائين اختيار علي منگي ۽ ٻين شرڪت ڪئي جڏهن ته ليڊيز ونگ مان ماريه سولنگي ارم جوڳي رضيه جتوئي فوزيه جتوئي زاهده آرائين نازيه پروين سميت ٻيون عورتون پڻ موجود هيون تقريب کي خطاب ڪندي اسسٽنٽ ڪمشنر گل فيصل ميرواهه هيومن رائيٽس پروٽيڪشن فورم جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي چيو ته تنظيم جا ميمبر عوامي ڀلائي ۽ انساني حقن جي تحفظ لاءِ بهترين خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن اميد آهي ته تنظيم مستقبل ۾ به غريب ۽ مستحق ماڻهن جي پرچهلو ۽ سماجي خدمت جو جذبو برقرار رکندي

ٿري ميرواهه هيومن رائيٽس پروٽيڪشن فورم جي تقريب ۾ اڳواڻن جو گروپ فوٽو

بوزدارودا ۾ اي سي ٿري ميرواهه جا نجي گودامن تي ڇاپا

سوين بورين جا ڀريل 13 کان وڌيڪ گدامن تي ڇاپا هڻي سيل

ڪٽڪ ذخيرو ڪندڙ واپارين خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو ويو آهي: اي سي

بوزدارودا(ن ع) بوزدارودا ۾ اي سي ٿري ميرواهه گل فيصل الاهي بوزدارودا پوليس ساڻ ڪري شهر جي واپارين پاران گدامن ۾ لڪايل ڪٽڪ جي سوين بورين جا ڀريل 13 کان وڌيڪ گدامن تي ڇاپا هڻي سيل ڪري ڇڏيا ۽ واپارين گدامن جا تالا کولڻ بدران دڪان بند ڪري فرار ٿي ويا بي طرف اي سي ٿري ميرواهه گل فيصل الاهي ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته بوزدارودا جي واپارين جي 13 کان وڌيڪ گدامن تي ڇاپا هڻي سيل ڪري ڇڏيا آهن ۽ ڪٽڪ ذخيرو ڪندڙ واپارين خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو ويو آهي ۽ ڪنهن سان به ڪا به رعايت نه ڪندس ۽ واپارين جي گدامن ۾ ڪٽڪ جون سوين بورين سان ڀريل آهن ۽ گدام مالڪ واپارين خلاف ڪيس داخل ڪيا ويندا ۽ ڪٽڪ جون بوريون ضبط ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

بوزدارودا اي سي ٿري ميرواهه نجي گودامن تي ڇاپا هڻندي

پيپلزپارٽي ملڪ جي سڀ کان وڏي پارٽي آهي: ڪانيو خان برهماڻي

پيپلزپارٽي جي سياست جو مرڪز اقتدار نه، پر عوام جي بي لوث خدمت آهي

سنڌ سميت ملڪ جي مختلف علائقن ۾ رڪارڊ ترقياتي منصوبا مڪمل ڪيا ويا آهن

ٿاڻوبولاخان(ن ع) ڪوهستان جي اهم سياسي شخصيت ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي تعلقه ٿاڻوبولاخان جي صدر سردار ڪانيو خان برهماڻي چيو آهي ته پاڪستان پيپلزپارٽي ملڪ جي سڀ کان وڏي منظم ۽ عوامي سياسي جماعت آهي جنهن هميشه جمهوريت آئين جي بالادستي عوامي حقن ۽ قومي يڪجهتي لاءِ تاريخي جدوجهد ڪئي آهي پيپلزپارٽي جي سياست جو مرڪز اقتدار نه پر عوام جي بي لوث خدمت ۽ غريب ماڻهن جي ڀلائي آهي ٽاٽي بولاخان جي يوسي مول ۾ مختلف ماڻهن جي وفات تي وارثن وٽ پهچي تعزيتون ڪرڻ دوران صحافين سان ڳالهائيندي سردار ڪانيو خان برهماڻي چيو ته شهيد قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو کان وٺي شهيد محترمه بينظير ڀٽو تائين پارٽي جي قيادت جمهوريت لاءِ بي مثال قربانيون ڏنيون آهن جڏهن ته صدر آصف علي زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ملڪ ۾ سياسي استحڪام قومي مفاهمت ۽ عوامي خوشحالي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن سردار ڪانيو خان برهماڻي چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي جي حڪومتن دوران سنڌ سميت ملڪ جي مختلف علائقن ۾ رڪارڊ ترقياتي منصوبا مڪمل ڪيا ويا، جن ۾ روڊن جي تعمير اسپتالن تعليمي ادارن صاف پيئڻ جي پاڻي بجلي نيڪال جي نظام ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي تي خاص ڌيان ڏنو ويو جڏهن ته عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ ڪيترائي فلاحي پروگرام پڻ شروع ڪيا ويا .. ڪانيو خان برهماڻي وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي دهشتگردي،انتهاپسندي، نفرت ۽ تقسيم واري سياست کي هميشه رد ڪيو آهي ۽ امن رواداري، بين المذاهب هم آهنگي ۽ جمهوريت جي مضبوطي تي يقين رکي ٿي پارٽي ملڪ جي سلامتي، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ هر سطح تي پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪندي رهندي . هن ان عزم جو اظهار ڪيو ته عوام جو اعتماد ئي پارٽي جي اصل طاقت آهي جنهن کي خدمت، ايمانداري ۽ ڪارڪردگي ذريعي هميشه برقرار رکيو

ٿاڻوبولاخان سردار ڪانيو خان برهماڻي تعزيت ڪندي

منگهوپير ٽائون جي خيرآباد ۾ سيوريج جي ڪم جو آغاز

چيئرمين پاران خيرآباد ۾ جامع مسجد جي ڀرپاسي جو هنگامي ۽ تفصيلي دورو

ماضي ۾ هن علائقي کي نظرانداز ڪيو ويو اسان ڪم ڪري رهيا آهيون: چيئرمين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) منگهوپير ٽائون جي علائقي يو سي ون مائي ڳاڏي، خيرآباد ۾ ڊگهي عرصي کان سنگين بڻيل نيڪال آب (سيوريج) جي مسئلي جي مستقل حل لاءِ عملي ۽ آخري قدمن جو باقاعده آغاز ڪيو ويو آهي چيئرمين منگهوپير ٽائون حاجي نواز علي بروهي پنهنجي سرگرم انتظامي ٽيم ۽ لاڳاپيل ڪائونسلر سان گڏ خيرآباد ۾ جامع مسجد جي ڀرپاسي جو هنگامي ۽ تفصيلي دورو ڪيو جتي هن موقعي تي موجود رهي نيڪال آب جي وڏي مسئلي جي حل لاءِ جاري ڪم جي ذاتي نگراني ڪئي ۽ صفائي ۽ تعميراتي ڪم جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي ميڊيا جي نمائندن صحافين ۽ علائقي جي معززن سان ڳالهائيندي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته ماضي ۾ هن علائقي کي نظرانداز ڪيو ويو جنهن سبب هتان جي رهواسين کي روزمره جي زندگي ۾ سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو خاص طور تي جامع مسجد جي سامهون مين سيوريج لائين بند ٿيڻ سبب گندو پاڻي بيهجي ويو هو جنهن ڪري نمازين ۽ عام شهرين لاءِ اچ وڃ انتهائي ڏکي بڻجي وئي هئي پنهنجن احساسن جو اظهار ڪندي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي چيو "جيستائين مسجدن جي چوڌاري يا گهٽين ۾ سيوريج جا اهڙا مسئلا موجود هوندا، تيستائين مون کي رات جو سڪون واري ننڊ نٿي اچي" هن واضح ڪيو ته عبادتگاهن جي تقدس ۽ صفائي برقرار رکڻ ۽ عوام کي فوري رليف فراهم ڪرڻ سندس پهرين ترجيح آهي جنهن تي هو ڪڏهن به سمجهوتو نه ڪندو هن وڌيڪ چيو ته عوام جي خدمت ئي سندس واحد مقصد آهي ۽ ان لاءِ هو هميشه ميدان ۾ موجود آهي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي پنهنجي ٽيم ۽ لاڳاپيل ڪائونسلر جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي چيو ته هنن مسئلي جي بروقت نشاندهي ڪئي جنهن تي ٽائون انتظاميا بنا ڪنهن دير جي فوري ڪارروائي ڪئي هن چيو ته سندس ڪائونسلر ۽ سموري ٽيم گڏجي محنت ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ هي ڪم شروع ٿي سگهيو هن پنهنجي سمورن چونڊيل نمائندن ۽ ڪائونسلرن کي سخت هدايتون جاري ڪيون ته هو پنهنجن علائقن ۾ عوامي مسئلن خاص طور پاڻي ۽ سيوريج جي صورتحال تي ويجهي نظر رکن ۽ ڪنهن به قسم جي لاپرواهي هرگز برداشت نه ڪئي ويندي ترقياتي منصوبن بابت ڳالهائيندي چيئرمين چيو ته سيوريج جي هن مسئلي جي مستقل حل کان پوءِ سڄي علائقي جي بنيادي ڍانچي جي بحالي جو ڪم شروع ڪيو ويندو هن اعلان ڪيو ته تمام جلد منگهوپير ٽائون جي مختلف علائقن ۾ ڪنل سڙڪن جي تعمير گهٽين جي پختگي ٽف ٽائلس لڳائڻ ۽ ٻين رڪيل ترقياتي منصوبن تي ڪم شروع ڪيو ويندو ته جيئن شهرين کي جديد ۽ آرامده ماحول فراهم ڪري سگهجي ان موقعي تي علائقي جي بزرگن نوجوانن ۽ وڏي انگ ۾ موجود رهواسين سيوريج جي سنگين مسئلي تي فوري ڪم شروع ٿيڻ تي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي ۽ سندس پوري ٽيم جا دل جي گهراين سان ٿورا مڃيا. شهرين جو چوڻ هو ته هي علائقو ڊگهي عرصي کان نظرانداز ٿيل هو پر چيئرمين حاجي نواز علي بروهي ذاتي دلچسپي وٺندي جنهن همت، جذبي ۽

ڪراچي حاجي نواز علي بروهي يوسي ون ۾ جاري سيوريج جي ڪمن جو دورو ڪندي

هالا ۾ نئين سر تعمير ٿيل جيم خاني جو افتتاح

جيم خانا جهڙا ادارا نوجوانن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪن ٿا: مخدوم جميل الزمان

اهڙن ادارن جي ترقي سان نه رڳو راندين کي فروغ ملندو پر شهر ۾ سماجي هم آهنگي پيدا ٿيندي

هالا(ن ع) هالا جي شهرين، خاص طور نوجوانن کي صحتمند ۽ تعليمي سرگرمين جا بهتر موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ نئين سر تعمير ٿيل جيم خانا هالا جو افتتاح سروري جماعت جي روحاني پيشوا ميمبر قومي اسيمبلي مخدوم جميل الزمان ڪيو ان سلسلي ۾ ميونسپل ڪميٽي هالا جي چيئرمين گل محمد پنهور جي ميزباني هيٺ هڪ پروقار افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ جيم خانا جي باني ميمبرن، شهر جي معزز شخصيتن سماجي اڳواڻن واپارين، چونڊيل نمائندن ۽ شهرين شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي مخدوم جميل الزمان چيو ته صحتمند معاشري جي تعمير لاءِ راندين ۽ صحت جي سرگرمين کي هٿي ونرائڻ وقت جي اهم ضرورت بڻجي وئي آهي هن چيو ته جيم خانا جهڙا ادارا نوجوانن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ، انهن کي مثبت سرگرمين ڏانهن راغب ڪرڻ ۽ کين منفي لاڙن کان بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. هن وڌيڪ چيو ته اهڙن ادارن جي ترقي سان نه رڳو راندين کي فروغ ملندو پر شهر ۾ سماجي هم آهنگي پيدا ٿيندي ۽ صحتمند واري ماحول کي پڻ هٿي ملندي هن اميد ظاهر ڪئي ته نئين سر تعمير ٿيل جيم خانا شهرين لاءِ هڪ بهترين تفريحي ۽ راندين جو مرڪز ثابت ٿيندو جتي نوجوانن سان گڏ بزرگ به مختلف سرگرمين ۾ ڀرپور نموني حصو وٺي سگهندا. مخدوم جميل الزمان چيو ته جيم خانا هالا ۾ شهر جي لڪيل پڙهيل طبقي جي عورتن لاءِ شعبو منظور ڪري ڪيئر ميمبر شپ ڏني رڳي ته جيئن هو به صحتمند ماحول ۾ پنهنجيون سرگرميون جاري رکي سگهن ان موقعي تي مخدوم جميل الزمان پاران جيم خانا هالا لائبريري جو پڻ اعلان ڪيو ويو ۽ جيم خاني جي باني ميمبرن ۾ ميمبرشپ ڪارڊ پڻ ورهايا. جڏهن ته شريڪ مهمانن جيم خانا جو تفصيلي دورو ڪري اتي موجود سهولتن جو جائزو ورتو شرڪت ڪندڙن جيم خانا جي جديد تعمير بهتر انتظام ۽ فراهم ڪيل سهولتن کي ساراهيندي ان اميد جو اظهار ڪيو ته هي ادارو مستقبل ۾ هالا جي راندين، سماجي ۽ تفريحي سرگرمين جي وڌ ۾ وڌ ۽ اهم ڪردار ادا ڪندو تقريب جي پڇاڙي تي مهمانن ۽ شهرين جيم خانا جي انتظاميا کي مبارڪباد پيش ڪئي ۽ شهر ۾ عوامي ڀلائي لاءِ اهڙن منصوبن کي جاري رکڻ جي ضرورت تي زور ڏنو

هالا نئين سر تعمير ٿيل جيم خاني جي افتتاح بعد مخدوم جميل الزمان تقريب کي خطاب ڪندي

چين جو قومي گڏيل ٽرانسپورٽ نيٽ ورڪ 60 لک ڪلوميٽرن کان وڌي ويو

بيجنگ (اي پي پي) چين جي ٽرانسپورٽ بابت نائب وزير چيو آهي ته ملڪ جي 14هين پنجن سالن واري منصوبي دوران چين جي قومي ٽرانسپورٽ نيٽ ورڪ جي ڊيگهه 60 لک ڪلوميٽرن کان به وڌي وئي آهي پرڏيهي ميڊيا موجب هن اڱاري ڏينهن چين جي رياستي ڪائونسل جي اهتمام هيٺ پريس ڪانفرنس دوران ٻڌايو ويو ته 6 محورون ، 7 راهدارين ۽ 8 رستن تي ٻڌل ٽرانسپورٽ جي بنيادي ڍانچي جي اڏاوت جو 91 سيڪڙو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي . ملڪ ۾ هاءِ اسپيڊ ريل جي آپريشنل لائينن جي مجموعي ڊيگهه 50 هزار ڪلو ميٽر کان به وڌي وئي آهي جڏهن ته قومي روڊن جي ڊيگهه هڪ لک 99 هزار ڪلو ميٽرن تائين پهچي وئي آهي ملڪ جي بندر گاهن تي 10 هزار ٽن يا ان کان به وڌيڪ گنجائش رکندڙ برٿ جو انگ 3061 ٿي ويو آهي جڏهن ته ٽرانسپورٽ ايئر پورٽس جو انگ 270 تائين پهچي ويو آهي هن چيو ته چين ڊاڪ ۽ فراهمي جي شعبي ۾ دنيا جو سڀ کان وڏو نيٽ ورڪ قائم ڪيو آهي جنهن مان فائيدو حاصل ڪندڙ ماڻهن جو انگ به دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ آهي

وومين ٽينس ايسوسي ايشن ڊبليو ٽي اي ٽور ۾ شرڪت لاءِ جينياتي معائني کي لازمي قرار

لنڊن(اي پي پي) وومين ٽينس ايسوسي ايشن ڊبليو ٽي اي ٽور ۾ شرڪت لاءِ سمورين عورت رانديگرن لاءِ جينياتي معائني کي لازمي قرار ڏئي ڇڏيو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب 21 جولاءِ کان لاڳو ٿيندڙ نئين پاليسي تحت رانديگرياڻين جا سواب، رت يا لعاب جا نمونا ورتا ويندا ته جيئن (وائي) ڪروموسومز جي ايس آر واءِ جينياتي مادي جو پتو لڳائي سگهجي جيڪو مردانيون خاصيتن جو سبب بڻجندو آهي اها ٽيسٽ رانديگرياڻين جي زندگي ۾ رڳو هڪ ڀيرو ڪئي ويندي ۽ ناڪاري اچڻ جي صورت ۾ ئي کين ٽورنامينٽ کيڏڻ جي اجازت هوندي ۽ مثبت اچڻ جي صورت ۾ سندن طبي جائزو ورتو ويندو پاليسي تحت رانديگرياڻين کي هڪ دستاويز تي به صحيحون ڪرڻيون پونديون جيڪڏهن اهي ٽيسٽ ڏيڻ کان انڪار ڪن ٿيون ته انهن خلاف ضابطي واري ڪارروائي ڪري سگهجي ٿي ان کان اڳ سال2024ع جي پاليسي ۾ ٽرانس جينڊر عورتن کي ٽيسٽو اسٽيرون جي سطح لڳاتار ٻن سالن تائين مخصوص حد کان گهٽ رکڻ تي کيڏڻ جي اجازت ڏني وئي هئي ڊبليو ٽي اي انتظاميه موجب هن نئين پاليسي جو مقصد عورتن جي پيشيوراڻي ٽينس ۾ برابر موقعا فراهم ڪرڻ ۽ سڀني رانديگرياڻين لاءِ هڪ منصفاڻي مقابلي واري ماحول کي برقرار رکڻ آهي

قومي موومينٽ ليبر ڊويزن حيدرآباد پاران بلديا جي 207 برطرف ملازمن جي بحالي لاءِ ڌرڻو

ڪامران، صغير ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

سال 2006 ۽ 2007 ۾ بلديا اعليٰ حيدرآباد ۾ ڪانٽريڪٽ تي ڀرتي ڪيو ويو هو، 15 سال نوڪري ڪئي: ملازم

اسان بلديا اعليٰ خلاف توهين عدالت جي درخواست داخل ڪرائي پر ان باوجود بلديا انتظاميا جي ڪن تي جون نٿي چري

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) متحده قومي موومينٽ ليبر ڊويزن حيدرآباد پاران بلديا جي 207 برطرف ملازمن جي بحالي لاءِ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ڪامران صغير ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي هنن چيو ته سال 2006 ۽ 2007 ۾ بلديا اعليٰ حيدرآباد ۾ ڪانٽريڪٽ تي ڀرتي ڪيو ويو هو 15سال جي نوڪري ڪرڻ بعد سال 2022 ۾ بناسبب نوڪرين مان ڪڍي بيروزگار ڪيو ويو جنهن کي سنڌ هائي ڪورٽ حيدرآباد ۾ برطرفين کي چيلنج ڪيو ويو ۽ سال 2025 ۾ عدالت اسان جي حق ۾ تفصيلي فيصلو جاري ڪندي 60ڏينهن اندر نوڪرين تي بحال ڪري پگهارون ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو پر بلديا اعليٰ عدالت پاران ڏنل 60 ڏينهن واري حڪم تي عملدرآمد نه ڪيو جنهن تي اسان بلديا اعليٰ خلاف توهين عدالت جي درخواست داخل ڪرائي پر ان باوجود بلديا انتظاميا جي ڪن تي جون نٿي چري، هنن چيو ته 207ملازمن جا گهر ڀاتي فاقا ڪشي ۾ مبتلا آهن هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته کين نوڪرين تي بحال ڪري رهيل پگهارون ادا ڪيون وڃن

قاسم آباد جي مختلف علائقن ۾ سئي گيس جي لائينن ۾ پاڻي پرجي وڃڻ وارو مسئلو نيٺ حل

ايم ڪيو ايم جي ايم اين اي عبدالعليم خانزاده ۽ سئي گيس جي آفيسر طالب حسين جمالي جي ڪوشش سان لائين بحال

گڏريل ڪيٽرن ئي مهينن کان اهو مسئلو هئو ۽ گهرن ۾ گيس نه اچڻ جي ڪري رهواسي سخت تڪليف کي منهن ڏئي رهيا هئا

عبدالعليم خانزاده کي مسئلو حل ڪرائڻ لاءِ درخواست ڪئي وئي جنهن جي مداخلت کان پوءِ مسئلو حل ٿيو آهي: علائقي واسي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) قاسم آباد جي سمن آباد، ماروي ٽائون شهباز ٽائون سميت ڀرپاسي وارن علائقن ۾ سئي گيس جي لائينن ۾ پاڻي پرجي وڃڻ وارو مسئلو متحده قومي موومينٽ سان لاڳاپيل قومي اسيمبلي جي ميمبر عبدالعليم خانزاده ۽ سئي گيس جي آفيسر طالب حسين جمالي جي ڪوشش سان حل ٿي ويو آهي جنهن تي جاڳايل علائقن جي رهواسين خوشي جو اظهار ڪندي عبدالعليم خانزاده ۽ سئي گيس اختيارين جو شڪريو ادا ڪيو آهي واضح رهي ته جاڳايل علائقن ۾ گڏريل ڪيٽرن ئي مهينن کان اهو مسئلو هئو ۽ گهرن ۾ گيس نه اچڻ جي ڪري رهواسي سخت تڪليف کي منهن ڏئي رهيا هئا رهواسين موجب ان سلسلي ۾ شروعاتي طور تي سئي گيس جي ريجنل آفيس ۾ ڪيترين ئي شڪايتون داخل ڪيون ويون هيون پر مسئلو حل نه ٿي رهيو هو جنهن بعد قومي اسيمبلي جي ميمبر عبدالعليم خانزاده کي مسئلو حل ڪرائڻ لاءِ درخواست ڪئي وئي جنهن جي مداخلت کان پوءِ سئي گيس جي عملي ڏينهن رات مسلسل ڪوششون ڪري پاڻي جي ليڪيج کي بند ڪري مسئلي کي حل ڪري ڇڏيو آهي

ناميارو ليکڪ ۽ قانوندان عبيدالله چچڙ جو ڪتاب "سنڌ جي پريا ڪماري" جلد پڙهندڙن جي هٿن ۾ هوندو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) روزاني عبرت اخبار جي ڪالم نگار ۽ سنڌ جي ناميارو قانوندان ۽ ليکڪ عبيدالله چچڙ ايڊووڪيٽ جو "سنڌ جي پريا ڪماري" جي نالي سان شايع ٿيندڙ ڪتاب ڇپجي چڪو آهي، جيڪو جلد پڙهندڙن جي هٿن ۾ هوندو. واضح رهي ته ايڊووڪيٽ عبيدالله چچڙ پنهنجي نئين لکيل ڪتاب ۾ نه صرف معصوم پريا ڪماري جي بازيابي ۽ سندس وارثن سان انصاف لاءِ آواز اٿاريو آهي بلڪ معاشري ۾ ٿيندڙ اهڙي قسم جي واقعن جي سخت مذمت ڪندي حڪومتي انتظاميا کان سنڌ ۾ پکڙجندڙ بدامني تي پڻ سوال اٿاريا آهن ۽ اهڙن واقعن جي نشاندهي ڪئي آهي، جن جي ڪري سنڌ جي امن امان جي صورتحال خراب ٿيندي پئي وڃي

بائرن ميونخ ڪنراڊلائمر جي معاهدي ۾ 2029ع تائين واڌ ڪري ڇڏي

برلن (اي پي پي) بائرن ميونخ آسٽريا جي عالمي رانديگر ڪنراڊلائمر جي معاهدي ۾ جون 2029ع تائين واڌ جو اعلان ڪيو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب 29 سالن جو رانديگر ڪنراڊلائمر سال ع ۾ بائرن ميونخ ۾ شامل ٿيو هيو ۽ جرمن سپر ڪپ کٽي چڪو آهي ڪلب جي اسپورٽنگ بورڊ جي ميمبر ميڪس ايبرل ڪنراڊ لائمر کي ٽيم اهم حصو قرار ڏيندي چيو ته هو هر ڏينهن ٻين رانديگرن کي متحرڪ ڪندو آهي ڪنراڊ لائمر بائرن لاءِ 136 ميچون کيڏيون آهن جن ۾ هن 7 گول ڪيا ۽ 19 اسسٽ فراهم ڪيا جڏهن ته هن بنيادي طور تي رائٽ بيڪ جي حيثيت سان پنهنجي پوزيشن کي مضبوط ڪيو آهي هيڊ ڪوچ ونسنٽ ڪميني جي مسلسل گردش جي باوجود، هو گذريل سيزن ۾ اهم ميچن جو حصو رهيو . اتر آمريڪا ۾ ٿيل سال 2026ع جي عالمي ورلڊ ڪپ ۾ هن آسٽريا لاءِ کيڏندو هو جنهن کان پوءِ سندس ٽيم رائونڊ آف 32 ۾ چيمپيئن اسپين کان هارايو هيو ڪنراڊ لائمر معاهدي جي واڌ تي خوشي جو اظهار ڪندي چيو ته هو ميونخ ۾ تمام گهڻو خوش آهي ۽ ٽيم جي ڪاميابي لاءِ هر سيڪنڊ پنهنجون سڀ صلاحيتون فراهم ڪندو رهندو

درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (اي پي پي) واپڊا ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن اڱاري ڏينهن جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 2 لک 85 هزار 700 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 2 لک 10 هزار ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 39 هزار100 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 39 هزار 100 ڪيوسڪ، خيرآباد پل تي پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 2 لک 40 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو2 لک 40 هزار 200 ڪيوسڪ جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 80 هزار 500 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 10 هزار ڪيوسڪ، چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 1 لک 2 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 80 هزار 100 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. بئراجن جي صورتحال موجب گڊو بئراج وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 1 لک 64 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 1 لک 22 هزار 300 ڪيوسڪ، سکر بئراج وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 1 لک 10 هزار 800 ۽ هيٺانهون وهڪرو 53 هزار ڪيوسڪ، ڪوٽڙي بئراج وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 43 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو بڙي ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو

ڪشمور جي ڪچي جي ڳوٺ ماڇو پٽو پڊاڻي جي رهواسي جو احتجاج

پٽن ۽ ماڻهن کان زمين جو قبضو ڏياري انصاف ڪيو وڃي: صاحب علي پٽو

مان پنهنجي ڄاڻايل پٽن کان 2 سال اڳ لاتعلقي ڪري چڪو آهيان، انصاف ڪيو وڃي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ڪشمور جي ڪچي جي ڳوٺ ماڇو پٽو پڊاڻي جي رهواسي پيرسن صاحب علي پٽ پيارو پٽو ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته پٽن ۽ ماڻهن کان زمين جو قبضو ڏياري انصاف ڪيو وڃي. هن چيو ته سال اڳ پٽن رحمن علي،شعبان علي ۽ ويجهن ماڻهن محمد صالح ۽ محمد عظيم پٽ جمال الدين پٽو ڪايڪڙ زمين تي زبردستي غيرقانوني قبضو ڪري ورتو آهي هن چيو ته مان پنهنجي ڄاڻايل پٽن کان 2 سال اڳ لاتعلقي ڪري چڪو آهيان هن چيو ته زمين جي مالڪي ڪرڻ تان پٽ ۽ ڄاڻايل ماڻهو مونکي ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هن چيو ته زمين تي قبضي ڪانپوءِ ڄاڻايل پٽ ملڪيت مان وڏيڪ حصو زبردستي گهري رهيا آهن

حيدرآباد ٽنڊو حاڪم مري واسي صاحب علي پالر خلاف ڌاڙهين رهيو آهي

گڏاپ ٽائون جو ترقياتي منصوبن بابت اهم اجلاس

تجويز ڪيل ڊيزائن ۽ عملدرآمد جي طريقيڪار بابت تفصيلي بريفنگ

ترقياتي منصوبا عوام جي ضرورتن کي سامهون رکي تيار ڪيا ويا آهن: چيئرمين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ، ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز ۽ چيف اڪائونٽ آفيسر افتخار حسين ڏاهو جي صدارت هيٺ نئين مالي سال جي بجيٽ ۾ شامل ترقياتي منصوبن بابت هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ترقياتي اسڪيمن فنڊن جي دستيابي، منصوبن جي ترجيحن ۽ انهن جي بروقت تڪميل بابت تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس دوران سپرنٽنڊنٽ انجنيئر (M&E) نور علي جمالي شرڪت ڪندڙن کي نئين بجيٽ ۾ شامل ترقياتي منصوبن انهن جي فني پهلوئن، لاڳت، تجويز ڪيل ڊيزائن ۽ عملدرآمد جي طريقيڪار بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ان موقعي تي چيئرمين طارق عزيز بلوچ چيو ته ٽائون جي ترقي ۽ عوام کي بنيادي سهولتن جي فراهمي سندن اولين ذميواري آهي هن چيو ته نئين مالي سال جي بجيٽ ۾ شامل ترقياتي منصوبا عوام جي ضرورتن کي سامهون رکي تيار ڪيا ويا آهن، جن ۾ صاف پاڻي جي فراهمي نيڪال آب، روڊن جي تعمير ۽ مرمت، اسٽريٽ لائيٽن جي تنصيب ۽ ٻين بنيادي سهولتن کي خاص اهميت ڏني وئي آهي هن وڌيڪ چيو ته ترقياتي منصوبن جي عملدرآمد دوران شفافيت، اعليٰ معيار ۽ بروقت تڪميل تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو سڀني لاڳاپيل آفيسر پنهنجون ذميواريون ايمانداري ۽ پيشاورانه انداز سان نڀائين ته جيئن عوام کي جلد کان جلد انهن منصوبن جا فائدا ملي سگهن هن هدايت ڪئي ته هر منصوبي جي باقاعده نگراني ڪئي وڃي، فنڊن جو شفاف ۽ مؤثر استعمال يقيني بڻايو وڃي ۽ غير ضروري دير کان هر صورت ۾ پاسو ڪيو وڃي ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز چيو ته ٽائون جي متوازن ترقي ۽ عوامي ڀلائي انتظاميه جي بنيادي ترجيح آهي هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته بهتر رابطي، مؤثر رٿابندي ۽ مسلسل نگراني ذريعي سمورا ترقياتي منصوبا مقرر وقت اندر مڪمل ڪيا وڃن اجلاس ۾ ڪائونسل ميمبر دانش برفت، ڊائريڪٽر انفارميشن رضوان صابر پي ايس چيئرمين لعل جان نبي ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي

ڪراچي ڪي ايم سي گڏاپ چيئرمين طارق عزيز بلوچ گڏجاڻي جي صدارت ڪندي

چوڙ ٽائون ڪاميٽي جي 21 ڪروڙ 93 لک کان وڌيڪ بجيٽ پيش

چيئرمين نظر محمد آريسر پاران بجيٽ پيش ڪئي وئي، ترقياتي ڪمن لاءِ 10 ڪروڙ مختص

پگهارن لاءِ 4 ڪروڙ 28 لک ۽ شاگردن جي اسڪالرشپ لاءِ 5 لک روپيا مختص ڪيا ويا

چوڙ (ن ع) چوڙ ٽائون ڪاميٽي جي 2026 ۽ 2027 سال جي بجيٽ ٽوٽل 21 ڪروڙ 93 لک 93 هزار 700 سئو 7 رپين جي ساليانه بجيٽ ٽائون ڪاميٽي چيئرمين نظر محمد آريسر پاران پيش ڪئي وئي جنهن مطابق آمدني جو ڪاٿو11 ڪروڙ5 لک 40 هزار روپيا لڳايو ويو جنهن ۾ سنڌ گورنمنٽ پاران ملندڙ گرانٽ 10 ڪروڙ 25 لک 52 هزار ڏيکاري وئي پينشن لاءِ 21 لک48 هزار ٽينڊر فيءَ 4 لک واٽر سپلاءِ تي 3 لک ، 60 هزار پٽ پڙي 10 لک سرٽيفڪيٽ فيءَ 4 لک مرمت لاءِ گرانٽ36 لک 80 هزار ڏيکاري وئي آهي پگهارن لاءِ 4 ڪروڙ 28 لک 30 هزار400 سئو 20 روپيا ۽ ٻين خرچن جي ڪانٽيجينسي لاءِ 5 ڪروڙ 58 لک 15 هزار مرمت لاءِ3 لک ترقياتي ڪمن لاءِ 10 ڪروڙ شاگردن جي اسڪالرشپ لاءِ 5 لک عام ڀلائي جي ڪمن لاءِ28 لک رٽائرمينٽ ملازمن جي پينشن لاءِ 1 ڪروڙ 25 لک 56 هزار 5 پنج سئو 86 روپي پيٽرول لاءِ 45 لک ڏيکاريا ويا ان موقعي ته وائيس چيئرمين مولوي محمود نهڙي ٽائون آفيسر شاهد هاليپوٽو ڪائونسلر اللهبچايو منگريو احسان منگريو منٺار آريسر هنڌوسنگهه سوڍو راڄو پيل سورج پيل قائم منگريو اسد ملاح ۽ ٻين ڪائونسلرن پاران بجيٽ پيش ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي جڏهن ته اجلاس ۾ ٽائون آفيسر شاهد هاليپوٽو آغا پنهل ڪلارڪ عثمان منگريو چندن ڪمار بجير اصغر آريسر ڪيدارام بجير ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي

سول اسپتال حيدرآباد جي سيڪيورٽي گارڊن پاران احتجاجي مظاهرو

حيدرآباد (آئي پي پي) سول اسپتال حيدرآباد جي سيڪيورٽي گارڊن 4 مهينن کان پگهارون نه ملڻ خلاف ايم ايس آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري اسپتال اندر ڌرڻو هنيو احتجاج ڪندڙن اسپتال انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪندي مطالبو ڪيو ته سندن رهيل پگهارون فوري طور ادا ڪيون وڃن احتجاج ڪندڙن چيو ته هاڻي پنجون مهينو شروع ٿي چڪو آهي پر اڃا تائين کين پگهارون ناهن مليون،هنن چيو ته سندن پگهار اڳ ئي تمام گهٽ آهي مٿان وري ڪيترن مهينن کان بند هجڻ سبب گهرن ۾ سخت مالي پريشاني ۽ فاقاڪشي واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي،سيڪيورٽي گارڊن جو چوڻ هو ته هو روزانو احتجاج ڪري رهيا آهن پر ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ (ايم ايس) سندن مسئلي جو ڪو به نوٽيس نٿو وٺي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال

ABC CERTIFIED

روزاني عبرت

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع 22 جولاءِ 2026ع

جلال پور ڪئنال وهائڻ خلاف پ پ پاران احتجاج جو سڏ!

سنڌو درياهه سنڌ جي تهذيب، تاريخ، زراعت، معيشت ۽ سڃاڻپ جو بنيادي سرچشمو آهي سنڌ جي لکين ايڪڙ زرعي زمين پيئڻ جي پاڻي جي ضرورت، ڊيلٽا جو ماحولياتي توازن ۽ لکين ماڻهن جي روزگار جو دارومدار سنڌوءَ تي آهي اهڙي صورتحال ۾ جڏهن به سنڌوءَ جي پاڻي بابت ڪو تڪراري قدم کنيو وڃي ٿو يا پاڻي جي ورڇ بابت آئيني ۽ قانوني اصولن کي نظرانداز ڪيو وڃي ٿو ته اهو صرف هڪ صوبي جو نه پر سڄي ملڪ جي وفاقي ڍانچي جو معاملو بڻجي وڃي ٿو [illegible] سوچ نه رڳو خطي جي امن لاءِ نقصانڪار آهي پر بين الاقوامي قانونن جي به ابتڙ آهي پاڻي کي هٿيار بڻائڻ يا دٻاءُ وجهڻ جي ذريعي طور استعمال ڪرڻ ڪنهن به ذميوار رياست لاءِ مناسب رويو نٿو چئي سگهجي پاڪستان کي گهرجي ته هو سفارتي، قانوني ۽ عالمي فورمن تي پنهنجو مضبوط موقف پيش ڪري ۽ سنڌ سميت پنهنجي پاڻيءَ جي حقن جي تحفظ لاءِ هر ممڪن قدم کڻي ٻئي طرف ملڪ اندر پاڻيءَ جي ورڇ بابت به آئين ۽ قانون جي مڪمل پاسداري لازمي آهي ٿار ڪئنال جلال پور ڪئنال ۾ سي سي آءِ جي فيصلي کان اڳ ٽيسٽنگ جي بنياد تي پاڻي ڇڏڻ تي جيڪي اعتراض اٿاريا آهن اهي سنجيده ۽ غور طلب آهن جيڪڏهن ڪنهن منصوبي بابت ڪنهن صوبي جا اعتراض اڃا گڏيل مفادن واري ڪائونسل ۾ زير غور هجن ته پوءِ ان معاملي تي اڳواٽ عمل ڪرڻ آئيني ادارن جي وقار بابت سوال پيدا ڪري ٿو گڏيل مفادن واري ڪائونسل وفاقي نظام جو اهم آئيني ادارو آهي جنهن جا فيصلا صوبن جي اعتماد ۽ گڏيل اتفاق جي علامت سمجهيا وڃن ٿا ان جي موجودگيءَ ۾ ڪنهن به تڪراري معاملي تي جلدبازي وفاقي هم آهنگي کي متاثر ڪري سگهي ٿي اها پڻ حقيقت آهي ته 1991ع وارو پاڻي ورڇ معاهدو صوبن جي وچ ۾ پاڻي جي ورڇ لاءِ بنيادي دستاويز جي حيثيت رکي ٿو جيڪڏهن ان تي مڪمل ۽ شفاف عمل ٿئي ته ڪيترائي تڪرار جنم ئي نه وٺن ارسا تي اها ذميواري لاڳو ٿئي ٿي ته هو پاڻيءَ جي ورڇ ۾ مڪمل غيرجانبداري، شفافيت ۽ معاهدي جي روح مطابق عمل کي يقيني بڻائي جيئن ڪنهن به صوبي کي احساس محرومي پيدا نه ٿئي پاڻيءَ جي معاملي ۾ اعتماد جي فضا برقرار رکڻ وفاق جي استحڪام لاءِ انتهائي اهم آهي

سنڌ ڪيترن ئي سالن کان پاڻيءَ جي کوٽ، سمنڊ جي چاڙهه سبب ڊيلٽا جي تباهي، زرعي زمينن جي لوڙياٽ وڌڻ ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ جي مسئلن کي منهن ڏئي رهي آهي. هي رڳو سياسي نعرن جو موضوع نه پر لکين ماڻهن جي بقا، خوراڪ جي سلامتي ۽ ماحولياتي تحفظ جو سوال آهي. جڏهن هيٺئين وهڪري تائين گهربل مقدار ۾ پاڻي نه پهچندو آهي ته ان جا اثر صرف آبادگارن تائين محدود ناهن رهندا پر سڄي سامونڊي ماحول، ٻيلا، مڇي مار صنعت ۽ مقامي آباديون به متاثر ٿينديون آهن. ان ڪري سنڌ جي خدشن کي سنجيدگيءَ سان ٻڌڻ ۽ انهن جو قانوني ۽ آئيني حل ڳولڻ وفاق جي ذميواري آهي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته پاڻي جهڙي حساس معاملي کي سياسي ڇڪتاڻ بدران قومي اتفاق راءِ سان حل ڪيو وڃي. وفاقي حڪومت، ارسا ۽ گڏيل مفادن واري ڪائونسل کي پنهنجو آئيني ڪردار وڌيڪ فعال بڻائڻو پوندو. جڏهن ته سڀني صوبن کي به هڪ ٻئي جي حقن ۽ خدشن جو احترام ڪرڻ گهرجي ساڳئي وقت پيپلز پارٽيءَ کي پڻ پنهنجي حقيقي ڪردار سان سامهون اچڻ گهرجي هڪ طرف اُها وفاقي حڪومت کي ڪُلهو ڏيو بيٺي آهي ته ٻي طرف سنڌ جي ماڻهن جي ناراضگيءَ کي نگاهه ۾ رکندي احتجاجي سڏ ڏيڻ نٿي وساري 'جعفر ٻڪرار' وارو هيءَ رويو هڪ ڏينهن اُن لاءِ ئي نقصان جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿو

شاهه لطيف ايوارڊ ۽ شيلڊون ڏيڻ جي طريقيڪار کي تبديل ڪرڻ جي ضرورت!


نور سنڌي

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سليانو عرس مبارڪ تي ثقافت کاتي پاران آخري ڏينهن تي "شاهه لطيف ايوارڊ" تقريب منعقد ڪئي ويندي آهي جنهن ۾ شاهه لطيف جي فڪر، فن ۽ پيغام جي واڌاري لاءِ مختلف شعبن ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙ شخصيتن کي "شاهه لطيف ايوارڊ" ۽ "شيلڊون" ڏنيون وينديون آهن شاهه لطيف جي عرس مبارڪ تي پهريون دفعو شاهه سائينءَ کي وڌيڪ ۽ منفرد انداز ۾ ڳائيندڙ فنڪارن کي ثقافت کاتي پاران شاهه لطيف ايوارڊ جو ڏيڻ جي حوالي سان اعلان ان دور جي ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي ڊي جي حميد آخوند (جيڪو ثقافت کاتو وجود ۾ اچڻ بعد، ان جو سيڪريٽري ٿيو) ان وڪ وڌائيندي ان دور جي شاهه لطيف ميلا ڪميٽيءَ جي چيئرمين ڪمشنر حيدرآباد عبدالله جي ميمڻ کي گذارش ڪئي جنهن فراخدليءَ جو مظاهرو ڪندي شاهه لطيف ايوارڊ جي اجازت ڏني شاهه لطيف ايوارڊ ڊنبوري واري اها ڊزائن ان دور جو سنڌ عجائب گهر جي ڊائريڪٽر مشهور چترڪار ۽ مجسما ٺاهيندڙ ظفر ڪاظميءَ جي فن جو ڪرشمو آهي ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪزي ڪميٽي پاران شاهه لطيف جي عرس مبارڪ جي موقعي تي حيدرآباد ۾ اوپن ايئر ٿيٽر ۾ پهريون شاهه لطيف ايوارڊ، لطيف سائين جي 236هين عرس مبارڪ تي 31مارچ 1980ع سومر ڏينهن تي جج ڪميٽي جنهن ۾ محب الله شاهه ڊائريڪٽر ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن علي احمد بروهي سيڪريٽري اطلاعات ۽ نشريات ۽ ممتاز مرزا اسڪرپٽ ايڊيٽر ڪراچي پي ٽي وي جي متفق راءِ يا فيصلي مطابق پهريون شاهه لطيف ايوارڊ بهترين فنڪار طور استاد محمد يوسف کي تڏهوڪي گورنر سنڌ ايس ايم عباسي هٿان ڏياريو ويو ان ايوارڊ تقريب جي ڪمپيئرنگ مهتاب اڪبر راشدي ڪئي هئي اڳتي هلي فنڪارن سان گڏ سازيندن، سگهڙن، شاهه لطيف تي ڪم ڪندڙ اديبن محققن شاهه جي راڳي فقيرن، ميلي ۽ درگاهه تي خدمتن جي حوالي سان ڪمپيئرنگ ڪندڙن ۽ شاهه لطيف جي ميلي ۾ ادبي ۽ ثقافتي پروگرامن جو بنياد وجهندڙ شخصيتن ثقافت کاتي جي رٽائرڊ ٿيل آن سروس آفيسرن ۽ اڳوڻي وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو کي ٽوٽي پريس ڪلب ڀٽ شاهه کي ميلي جي بهترين ڪوريج تي به شاهه لطيف ايوارڊ ڏنا ويا آهن

ڪافي اهڙن محققن ۽ ليکڪن کي نظرانداز ڪيو وڃي ٿو جن جو لطيف سرڪار تي ڪيل ڪم نظرانداز نٿو ڪري سگهجي ساڳئي وقت اڄ جي دور ۾ ميڊيا جو ڪردار به انتهائي اهم بڻيل آهي اهي اخبارون جيڪي سڄو سال شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شخصيت، شاعري، فڪر، راڳ ۽ پيغام تي مضمون، خاص صفحا، خاص ايڊيشن ۽ تحقيقي مواد شايع ڪنديون رهن ٿيون. اهي حقيقت ۾ شاهه جي پيغام کي عام ڪرڻ جي وڏي خدمت انجام ڏئي رهيون آهن اهڙي طرح ٽيليويزن چينل جيڪي لطيفيات تي معياري پروگرام، دستاويزي فلمون، مذاڪرا ۽ راڳ جون محفلون نشر ڪن ٿا، سي به شاهه جي فڪر کي گهر گهر تائين پهچائڻ جو اهم ذريعو بڻيل آهن انهن ادارن ۽ پروگرامن جي سراهه ۽ حوصلا افزائي به ضروري آهي اهڙن اخبارن ۽ نجي ٽي وي چينلن کي به شاهه لطيف ايوارڊ ۾ شامل ڪيو وڃي ته اهي ادارا ۽ انهن جا سرواڻ لطيف شناسيءَ جي انهيءَ ڪم کي اڃان وڌيڪ مضبوطيءَ سان اڳتي وڌائيندا ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته شاهه لطيف ايوارڊ لاءِ واضح معيار مقرر ڪيا وڃن هر شعبي لاءِ الڳ ڪيٽيگري هجي جهڙوڪ: راڳ، ساز، تحقيق، ادب، صحافت، اليڪٽرانڪ ميڊيا، لطيفيات، لوڪ ادب، ترجمو، ثقافتي خدمتون ۽ نوجوانن ۾ لطيف جي پيغام جي واڌاري لاءِ ڪيل ڪم وغيره کي اهم جاءِ ڏئي سگهجي ٿي ان سان نه صرف ايوارڊ جي حيثيت بلند ٿيندي پر ماڻهو به شاهه لطيف جي فڪر جي خدمت ڪرڻ لاءِ اڳتي ايندا ۽ شاهه جو پيغام سمجهڻ لاءِ ماڻهن کي همٿائيندا ڀٽائيءَ جي فڪر ۽ شاعري ۽ آفاقي پيغام کي عام ڪرڻ ۾ سنڌ جي پرنٽ ميڊيا جو اهم ڪردار رهيو آهي ۽ پرنٽ ميڊيا جي ادارن مان "روزاني عبرت" خاص طور تي نمايان ۽ سرفهرست رهي آهي جيڪا گذريل 50 اُن کان هفتي ۾ ٽي يا چار پيرا شاهه لطيف جي شخصيت، شاعري، فلسفي لطيفيات جي حوالي سان مضمون، ڪالم ۽ تحقيقي مواد شايع ڪري پڙهندڙن تائين پهچائيندي رهي ٿي بلڪ انهيءَ سلسلي کي هڪڙي تسلسل سان هلائيندي رهي ٿي

اهڙي مسلسل ادبي ۽ علمي خدمت سان نه رڳو شاهه لطيف جي پيغام کي هٿي ملي ٿي پر نوجوان نسل ۾ به لطيفيات سان دلچسپي پيدا ٿئي ٿي جڏهن ڪو ميڊيا ادارو پنهنجي پاران شايع ٿيندڙ اخبار ۾ مستقل بنيادن تي شاهه لطيف جي فڪر کي نمايان حيثيت ڏيندو هجي ته ان کان علاوه سنڌ جي علمي ادبي ۽ ثقافتي ورثي جي حفاظت جو ڪم به ڪير ڪري سگهي ٿو انهيءَ بنياد تي اهو مطالبو مڪمل طور جائز آهي ته شاهه لطيف جي فڪر ۽ لطيفيات جي واڌاري ۾ نمايان ۽ مستقل خدمتن جي اعتراف طور "روزاني عبرت" ۽ "عبرت گروپ آف پبليڪيشن" کي "شاهه لطيف ايوارڊ" ڏيڻ لاءِ غور ڪيو وڃي ته اها ڳالهه لطيف سرڪار جي پيغام کي عام ڪرڻ ۾ هڪ سنڌي ميڊيا اداري لاءِ ڪنهن اعزاز کان گهٽ نه هوندي يقيناً جيڪڏهن ايوارڊ شفاف، واضح ۽ ميرٽ جي بنياد تي ڏنا وڃن ته اهڙن ادارن جي همت افزائي ٿيندي ۽ ٻيا ميڊيا هائوس پڻ شاهه لطيف جي پيغام کي وڌيڪ نمايان نموني سان عام ڪرڻ لاءِ اڳتي ايندا شاهه لطيف جي نالي سان منسوب اعزازن جو مقصد به اهو ئي هجڻ گهرجي ته انهن شخصيتن ۽ ادارن کي سراهيو وڃي جيڪي سڄو سال بنا ڪنهن وقفي جي سنڌس فڪر، شاعري ۽ انسان دوست پيغام کي عوام تائين پهچائڻ لاءِ عملي خدمتون سرانجام ڏين ٿا لطيفيات کي وڌيڪ اهميت ڏيندڙ سنڌي ميڊيا ادارن ۾ "روزاني عبرت" ۽ "عبرت گروپ آف پبليڪيشن" جو هڪ نمايان ڪردار رهيو آهي شروعات کان وٺي هيستائين "عبرت گروپ آف پبليڪيشن" جي "روزاني عبرت"، "روزاني سنڌو اخبار"، "پندرنهن روزه عبرت ميگزين"، "ماهوار هزار داستان" توڙي ماضيءَ ۾ عبرت گروپ جي تحت ئي شايع ٿيندڙ "هفتيوار سنڌو ڊائجيسٽ" کان وٺي ٻارن جي رسالي "[illegible]" عورتن جي رسالي "ماهوار بختاور" ۽ "ڊيلي انڊس ٽربيون (انگريزي اخبار)" سڀني شاهه لطيف جي پيغام جي حوالي سان وڌ کان وڌ مضمون ۽ تحقيقي ڪم شايع ٿيندو هو جيڪو اڄ ڏينهن تائين "عبرت گروپ آف پبليڪيشن" سلسلو جاري رکيو اچي "عبرت گروپ آف پبليڪيشن" جي سنڌو اخبار تي نظر وجهندا سين ته هفتي ۾ ٽي کان چار مضمون لطيف سائين جي حوالي سان ڇپجندا رهن ٿا شاهه لطيف جي فڪر جي واڌاري ۾ "روزاني عبرت" جون خدمتون قابل قدر آهن ان ڪري هن پيري شاهه لطيف عرس جي موقعي تي "عبرت گروپ آف پبليڪيشن" کي شاهه لطيف ايوارڊ ملڻ گهرجي اهڙي ريت وري ٻئي سال ٻين اهڙن ميڊيا ادارن کي شامل ڪيو وڃي شاهه لطيف ايوارڊ کي سنڌيءَ جي عام چوڻي "لکير جو فقير نه بڻايو وڃي"

آمريڪا جي فضائن مان

جڏهن اقتدار ۽ اسٽيج ڇڏڻ وسري ويو!

راجا زاهد اختر خانزاده

ڪجهه لمحا اهڙا هوندا آهن، جيڪي تاريخ پنهنجي سيني ۾ هميشه لاءِ محفوظ ڪري وٺي ٿي. اهي لمحا، جن ۾ پگهر ڳوڙها، رات جي ٿڪاوٽ، گهر کان پري رهڻ، زخم، ناڪاميون ۽ پوءِ سالن جي اڻٿڪ محنت هڪ اهڙي نقطي تي اچي ملن ٿا، جڏهن هڪ ٽرافيءَ جو سونهري رنگ اکين ۾ پرجي ويندو آهي ۽ لفظ ڪافي نه هوندا آهن. 19هين جولاءِ 2026ع جي رات ميٽ لائيف اسٽيڊيم، ايسٽ رٿرفورڊ، نيو جرسيءَ ۾ اهڙوئي هڪ لمحو آيو. اسپين فيفا ورلڊ ڪپ کٽي ورتو. ارجنٽائن کي هڪ-ٻڙيءَ سان شڪست ڏني ۽ اهو لمحو، اهو مقدس لمحو جڏهن ڪپتان روڊري جا هٿ انهيءَ سونهري پيالي کي کڻڻ لاءِ وڌڻ وارا هئا. صرف ۽ صرف اسپين جي انهن رانديگرن جو هو، جن پنهنجون زندگيون انهيءَ هڪ لمحي لاءِ وقف ڪري ڇڏيون هيون. پر تاريخ جو شايد اهو ئي الميو آهي ته ڪجهه ماڻهو هميشه فريم ۾ رهڻ چاهيندا آهن، چاهي فريم انهن جو هجي يا نه هجي. ڊونلڊ ٽرمپ هڪ دفعي چيو هو ته مون کي هارائڻ وارا نه پر کٽڻ وارا پسند آهن ۽ شايد انهيءَ فلسفي جي هڪ عجيب جهلڪ انهيءَ رات ميٽ لائف جي اسٽيج تي به نظر آئي. ٽرمپ جو اهو جملو محض هڪ سياسي نعرو ناهي، بلڪ انهن جي شخصيت ۽ سياست جي هڪ اهڙي پهلوءَ جي نمائندگي ڪري ٿو جنهن ۾ فتح صرف حاصل نه ڪئي ويندي آهي، بلڪ ان کي ڏيکاريو به ويندو آهي. ڪاميابي صرف ڪاميابي نه رهندي آهي، بلڪ هڪ منظر بڻجي ويندي آهي ۽ انهيءَ منظر جي مرڪز ۾ بيٺل رهڻ شايد خود ڪاميابيءَ کان به وڌيڪ اهم محسوس ٿيڻ لڳندو آهي. نيو جرسيءَ جي ايسٽ رٿرفورڊ ۾ واقع عظيم الشان اسٽيڊيم ۾ جڏهن اسپين ارجنٽائن کي هڪ-ٻڙي سان شڪست ڏئي ٻئي دفعي فٽبال جي دنيا جو تاج پنهنجي سر تي سجايو ته اها رات صرف هڪ ميچ جي اختتام جي رات نه هئي. اها سالن جي محنت جو چوٽيءَ جو مقام هئي، اها انهن رانديگرن جي خوابن جي تعبير هئي، جن ٻارپڻ جي ميدانن کان عالمي اسٽيڊيم تائين پهچڻ لاءِ پنهنجن جسمن ۽ وقت ۽ جوانيءَ جو وڏو حصو انهيءَ راند جي نالي ڪري ڇڏيو هو. اهو انهن ماءُ ۽ پيءُ جي قربانين جو لمحو هو. جن پنهنجن ٻارن کي مينهن ۽ سردي ۽ گرميءَ ۾ مشق لاءِ پهچايو. اهو انهن ڪوچز جي يقين جو صلو هو. جن شڪست کانپوءِ رانديگرن کي وري اٿڻ سيکاريو. اهو انهن لکين تماشائي جي خوشي هئي، جن پنهنجي قومي ٽيم سان اميد ۽ نااميدي جا ڪيترائي موسم گذاريا هئا.

ورلڊ ڪپ جي ٽرافي سون ۽ ڌات کان ٺهيل هڪ شيءِ ضرور آهي پر ان جي اندر پگهر جي خوشبو ۽ شڪستن جو درد ۽ زخمي جسمن جي تڪليف ۽ نه ختم ٿيندڙ رياضت جي پوري داستان محفوظ هوندي آهي. جڏهن ڪو ڪپتان ان کي آسمان ڏانهن بلند ڪري ٿو ته هو محض هڪ ٽرافي نٿو کڻي، بلڪ پنهنجي قوم جون اميدون ۽ پنهنجن سائين جون قربانيون تاريخ سامهون بلند ڪري ٿو اهڙا لمحا اصل ۾ انهن ماڻهن جا هوندا آهن، جن ميدان ۾ ڊوڙ لڳائي هجي، جن جا پير زخمي ٿيا هجن جن هار جي خوف تي قابو پاتو هجي، جن هڪ ٻئي لاءِ پنهنجا ساهه ۽ طاقت بچائي رکي هجي. انهن لمحن ۾ سياستدان مهمان هوندا آهن. تاريخ جا اصل ڪردار رانديگر هوندا آهن پر انهيءَ رات منظر ڪجهه دير لاءِ بدلجي ويو.

ميچ دوران ڊونلڊ ٽرمپ گهڻو ڪري هڪ محفوظ شيشي واري وي آءِ پي باڪس ۾ ويٺل رهيو. هن سان فيفا جو صدر جياني انفانٽينو پڻ ويٺو هو. اسپين جو بادشاهه فيليپي ششم به اتي هو. ڪينيڊا جو وزيراعظم مارڪ ڪارني ۽ ميڪسيڪو جي صدر ڪلاڊيا شينبام به موجود هئي. آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو ۽ فرسٽ ليڊي ميلانيا ٽرمپ به انهيءَ تقريب جو حصو هئا. ميدان جي ٻئي پاسي هڪ سو ويهه منٽن تائين سخت جسماني ۽ اعصاب شڪن فٽبال راندي وئي، رانديگر ٿڪاوٽ جي باوجود ڊوڙندا رهيا، هر پاس سان هڪ قوم جو ساهه بند ٿيندو رهيو، هر حملي سان هزارين دل ڌڙڪندا رهيا. ميچ دوران اسٽيڊيم جي وڏي اسڪرين تي جڏهن ٽرمپ جي تصوير ڏيکاري وئي ته مختلف حصن کان ناپسنديدگيءَ جو آواز ٻڌو ويو. پوءِ جڏهن هو ٽرافيءَ جي تقريب لاءِ ميدان ۾ لٿا ته هوٽنگ وڌيڪ واضح ۽ وڌيڪ بلند هئي پر راند جي انهيءَ شور ۾ به اصل ڪهاڻي اڃا شروع نه ٿي هئي ٽرمپ ٻين شخصيتن سان گڏ ارجنٽائن جي رانديگرن کي چانديءَ جا تمغا ڏنا ويا. پوءِ اسپين جي رانديگرن کي سونهري تمغا پارايا ويا. هو رانديگرن سان مصافحو ڪندا رهيا. ڪنهن کي مبارڪباد ڏني، ڪنهن سان ڪجهه لفظ چيا. انهيءَ مرحلي تائين سڀ ڪجهه هڪ عالمي راند جي رسمي تقريب مطابق هو. پوءِ اهو لمحو آيو، جنهن جو انتظار اسپين جا رانديگر ڪري رهيا هئا. ٽرمپ ۽ انفانٽينو گڏجي ورلڊ ڪپ جي ٽرافي اسپين جي ڪپتان روڊري جي حوالي ڪئي. انفانٽينو پنهنجو ڪردار مڪمل ڪيو ۽ فوري طور هڪ پاسي ٿي ويو ته جيئن فاتح ٽيم پنهنجو لمحو پوري آزاديءَ سان جي سگهي. پر ٽرمپ اتي ئي بيٺو رهيو. روڊري انهن سان مصافحو ڪيو ۽ ظاهري طور پنهنجي هٿ ۽ جسم جي اشاري سان انهن کي اسٽيج جي هڪ پاسي وڃڻ جو رستو ڏيکاريو. ٽرمپ ڪجهه قدم اهڙي طرح وڌايا، ڄڻ ته هاڻي هو هتان هٽي ويندو. پر هو مڪمل طور اسٽيج کان نه لٿو. انهن ڪجهه وڌيڪ رانديگرن سان هٿ ملايو. ڪجهه دير ڳالهيون ڪيون. پوءِ ٽيم جي بلڪل ويجهو بيٺو رهيو.

فيفا جو صدر جياني انفانٽينو جيڪو اڳ ئي هڪ پاسي وڃي چڪو هو اوچتو تيزيءَ سان واپس آيو. انهن جي حرڪتن کان اهڙو محسوس ٿيندو هو جيئن هو آمريڪي صدر کي انهيءَ فريم کان ٻاهر وٺي وڃڻ چاهين ٿا. جنهن ۾ ڪجهه لمحن ڪانپوءِ اسپين جي تاريخ رقم ٿيڻ واري هئي. شايد هو اهو به ڄاڻندا هئا ته دنيا جي طاقتور ترين شخص کي هٿ کان جهلي اسٽيج کان هٽائڻ پروٽوڪول کان وڌيڪ سياست جو معاملو بڻجي سگهي ٿو. شايد انهن کي گذريل سال جو منظر به ياد هو. جڏهن چيلسي جا رانديگر ورلڊ ڪپ جي ٽرافي کٽڻ لاءِ بيتاب بيٺل هئا ۽ ٽرمپ ساڳيءَ طرح انهن وچ ۾ موجود رهيو. انهيءَ وقت به رانديگرن جي منهن تي حيرت نظر آئي هئي. انهيءَ وقت به فيفا جو صدر هڪ طرف ٿي ويو هو پر آمريڪي صدر فاتح ٽيم سان بيٺا رهيا هئا. هڪ سال ڪانپوءِ اهو ئي اسٽيڊيم هو. اهو ئي ٽرافي پيش ڪرڻ جو انداز هو. اهو ئي فيفا جو صدر هو. اهو ئي آمريڪي صدر هو. ايستائين ته اسپين جو رانديگر مارڪ ڪوڪوريلا به ٻنهي تقريبن ۾ اسٽيج تي موجود هو. پهرين چيلسي جي رانداريءَ جي حيثيت سان ۽ هاڻي اسپين جي عالمي چيمپئن جي حيثيت سان. تاريخ خود کي محض ورجايو نه. بلڪ تقريباً ساڳئي ترتيب سان ٻيهر پيش ڪيو. روڊري ٽرافي هوا ۾ بلند ڪئي. سونهري ڪنفيٽي توبن مان نڪري ۽ آسمان کان وسندي ميدان تي پکڙجي وئي. اسپين جا رانديگر ٽپيا ۽ اڇليا ۽ هڪ ٻئي سان ويڙهجي ويا. هڪ قوم جشن ملهايو. پر انهيءَ لمحي جي شروعاتي تصويرن ۾ ڊونلڊ ٽرمپ به ڏسجندو هو. پوءِ ڪجهه دير ڪانپوءِ هو اتان هليا ويا. هو ايتري دير نه رهيو ته پورو جشن انهن جي موجودگيءَ ۾ ٿئي. پر ايتري دير ضرور رهيو ته ٽرافي بلند ڪندي تاريخي فريم ۾ شامل ٿي وڃن. شايد اهي ئي ڪجهه سيڪنڊ هن واقعي جي اصل معنويت هئا. انسان ڪڏهن ڪڏهن سالن جي سياست کان نه، بلڪ ڪجهه بي اختيار حرڪتن کان سڃاتو ويندو آهي. هڪ قدم، جيڪو بروقت پوئتي نه هٽي اهو بعض وقتن هڪ پوري شخصيت جي علامت بڻجي ويندو آهي. اقتدار جي سڀ کان عجيب خصوصيت اها آهي ته هو انسان کي صرف فيصلن جو اختيار نه ڏيندو آهي. هو ان کي روشنيءَ جي عادت به ڪاري ڇڏيندو آهي. جڏهن هر دروازو توهان لاءِ کُلي. جڏهن هر ماڻهو توهان جي اچڻ تي اٿي بيهي. جڏهن ڪيمرا توهان ڏانهن ڏسڻ لڳن. جڏهن توهان جي هڪ جملي کان سڄي دنيا جون منڊيون ۽ سفارتڪاري ۽ خبرناموں حرڪت ۾ اچي وڃن ته شايد آهستي آهستي انسان اهو وساريندو وڃي ٿو ته ڪجهه روشني ڪنهن ٻئي لاءِ به هوندي آهي.

دنيا جا وڏا اڳواڻ صرف انهيءَ ڪري عظيم نه بڻيا ته هو تاريخ جي هر منظر ۾ موجود هئا. ڪيترائي اڳواڻ انهيءَ ڪري به عظيم مڃيا ويا ته هو ڄاڻندا هئا؛ ڪڏهن انهن کي پٺتي هٽڻ لاءِ جاءِ ٺاهڻي آهي. وقار جي هڪ شڪل اها به آهي ته انسان ڪنهن ٻئي جي ڪاميابيءَ کي پنهنجي وجود جي مهر لڳايا بنا قبول ڪري. ڪنهن ٻئي جي لمحي ۾ خاموشيءَ سان تاڙيون وڄائي ۽ پوءِ پوئتي هٽجي وڃي. اسپين جي فتح ۾ ٽرمپ جو ڪوبه راند جو ڪردار نه هو. انهن ڪو گول نه ڪيو هو. انهن ڪو دفاعي حملو نه روڪيو هو. انهن هڪ سو ويهه منٽن تائين ميدان ۾ جسماني جنگ نه وڙهي هئي. انهيءَ ڪري اخلاقي ۽ علامتي طور اهو لمحو اسپين جي رانديگرن جو هو. رياستي سربراهن جو ڪم فاتح ٽيم کي ٽرافي ڏيڻ هو. ٽرافيءَ سان تصوير جو مستقل حصو بڻجي وڃڻ نه هو. ڇو ته اهو واقعو صرف هڪ شخص جي باري ۾ نه آهي اهو اقتدار جي انهيءَ عام نفسيات جي باري ۾ آهي. جيڪا دنيا جي هر سماج ۽ هر سياسي نظام ۾ ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ موجود رهندي آهي. حڪمران اڪثر رياست ۽ پنهنجي ذات وچ ۾ فرق وساري ويندا آهن. هو قومي ڪاميابيءَ کي حڪومتي ڪاميابي سمجهڻ لڳندا آهن. پوءِ حڪومتي ڪاميابي کي ذاتي ڪاميابيءَ ۾ بدلائي ڇڏيندا آهن. آخرڪار انهن کي هر ڪاميابيءَ جي فريم ۾ پنهنجي موجودگي ضروري ڏسجڻ لڳندي آهي. اهو ئي اهو مقام آهي، جتان جمهوريت جو اصل امتحان شروع ٿيندو آهي. جمهوريت محض ووٽ وجهڻ جو نالو نه آهي. جمهوريت اهو شعور به آهي ته ڪو شخص رياست کان وڏو نه هوندو آهي. ڪو عهدو ادارن کان وڏو نه هوندو آهي. ڪو حڪمران قوم جي هر ڪاميابيءَ جو مالڪ نه هوندو آهي. جمهوريت اقتدار کي مرڪز کان هٽائي ذميواريءَ ۾ بدلائيندي آهي. هوءَ حڪمران کي ياد ڏياريندي آهي ته تون ميزبان آهين، مالڪ نه آهين. تون امين آهين، وارث نه آهين. تنهنجي موجودگي خدمت لاءِ آهي، هر منظر تي قبضو ڪرڻ لاءِ نه آهي.

ٽرمپ جي راندين جي تقريبن ۾ موجودگي اڳ ۾ به بحث جو موضوع بڻجندي رهي آهي. نيويارڪ نِڪس اين بي اي فائنلز جو اهو ميچ هاريو، جنهن ۾ هو ميڊيسن اسڪوائر گارڊن ۾ موجود هو ۽ اتي به تماشائي انهن خلاف آواز بلند ڪيو هو انهيءَ ئي ورلڊ ڪپ دوران آمريڪي ٽيم بيلجيم خلاف چار هڪ سان شڪست کائي وئي هئي. انهيءَ ميچ کان اڳ آمريڪي اسٽرائيڪر فولارين بالوگن جو ريڊ ڪارڊ معطل ڪرائڻ لاءِ ٽرمپ فيفا جي صدر سان رابطو ڪيو هو. سزا ختم ٿيڻ تي عالمي سطح تي اعتراض ٿيا. ناقدين سوال ڪيو ته ڇا ڪنهن ملڪ جو صدر راند جي انتظامي فيصلن تي ذاتي اثر وجهي سگهي ٿو. آمريڪي ٽيم پوءِ به شڪست کائي وئي. انهيءَ کان اڳ فيفا جي قرعه اندازيءَ دوران ٽرمپ کي هڪ امن انعام به ڏنو ويو هو. پوءِ ٽرمپ ٽاور ۾ ٿيندڙ تقريب ۾ جياني انفانٽينو انهن جي تعريف ڪندي چيو ته هي ورلڊ ڪپ انهن ڪانسواءِ ايترو ڪامياب نه ٿئي ها. فيفا ۽ آمريڪي صدر جي قربت اڳ ئي سوالن کي جنم ڏئي رهي هئي. انهيءَ ڪري اسپين جي ٽرافيءَ تقريب ۾ ٿيندڙ واقعو محض هڪ پروٽوڪول جي غلطي نه سمجهيو ويو. ماڻهن ان کي طاقت ۽ قربت ۽ راند جي سياست جي هڪ وڏي پسمنظر ۾ ڏٺو.

(هلندڙ)

ڪشمير جي نئين سياسي واٽ

محمد خان ابڙو

آزاد ڪشمير جي سياست هميشه ماڻهن جي جذبن، تاريخ ۽ عوامي خواهشن سان جڙيل رهي آهي هتي ٿيندڙ هر سياسي سرگرمي نه رڳو آزاد ڪشمير جي ماڻهن پر سڄي پاڪستان جي ڌيان جو مرڪز بڻجي ويندي آهي ڇو ته ڪشمير جو معاملو پاڪستان جي قومي سڃاڻپ، پرڏيهي پاليسي ۽ عوام جي جذبن سان گهرو لاڳاپو رکي ٿو اهڙي ماحول ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو تازو آزاد ڪشمير جو دورو رڳو هڪ سياسي مهم نه، پر اهڙو موقعو بڻجي سامهون آيو آهي جنهن ڪشمير جي مستقبل، عوام جي حقن ۽ سياسي قيادت جي ڪردار بابت هڪ ڀيرو ٻيهر نئين بحث کي جنم ڏنو آهي آزاد ڪشمير جا ماڻهو گذريل ڪيترن ئي سالن کان انهن ئي مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن جيڪي هن سڄي علائقي جا گڏيل مسئلا آهن انهن ۾ مهانگائي روزگار جا محدود موقعا، بنيادي سهولتن جي کوٽ ۽ بهتر حڪمراني جهڙا مسئلا شامل آهن اهڙين حالتن ۾ مختلف عوامي تحريڪون اڀري سامهون آيون جن پنهنجي مطالبن کي منظم نموني سان پيش ڪيو انهن تحريڪن اِهو واضح ڪيو ته ڪشمير جا ماڻهو هاڻي رڳو سياسي نعرن سان خوش ٿيڻ وارا ناهن پر هو عملي قدم، شفاف نظام ۽ عوام جي ڀلائي تي ٻڌل حڪمراني چاهين ٿا ڪشمير جو مسئلو تڏهن ئي عالمي سطح تي وڌيڪ اهم بڻجي سگهي ٿو جڏهن والاريل ڪشمير جا ماڻهو پاڻ اِهو فيصلو ڪن ته هو ڀارتي قبضي مان آزادي حاصل ڪرڻ چاهين ٿا پر گڏيل ايڪشن ڪميٽي هيٺئر تائين جيڪي ڳالهيون ڪندي آئي آهي انهن مان ائين محسوس ٿئي ٿو ته شايد اها تحريڪ والاريل ڪشمير جي ماڻهن جي آزاديءَ واري جذبي کي ڪمزور ڪرڻ جي هڪ ڪڙي هجي بهرحال الله نه ڪري ائين هجي ۽ الله ڪري منهنجو اِهو خيال غلط ثابت ٿئي جو ته هن وقت بلاول ڀٽو زرداري کي آزاد ڪشمير ۾ جيڪو ڀرپور ۽ جوشيلي انداز ۾ استقبال مليو رهيو آهي تنهن مان لڳي ٿو ته ايندڙ ڏينهن ۾ ڪشمير جي واديءَ مان هڪ ڀيرو نعرو وڌيڪ زور سان گونجندو 'پاڪستان زنده باد، جيون ڪشمير پائنده باد'

اهڙين حالتن ۾ جڏهن ڪو قومي سطح جو سياسي اڳواڻ عوام جي وچ ۾ وڃي ٿو ته سندس ذميواري رڳو جلسا ڪرڻ تائين محدود ناهي هوندي بلڪ ماڻهن جي احساسن تڪليفن ۽ مسئلن کي سمجهڻ به هوندي آهي بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي تازي آزاد ڪشمير جي دوري دوران عوامي نمائندن، سماج جي مختلف طبقن ۽ سياسي ڪارڪنن سان ملاقاتن ۾ اِهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته مسئلن جو پائيدار حل ٽڪراءُ يا جهيڙي ۾ نه، پر ڳالهين آئيني طريقيڪار ۽ جمهوري روايتن تي عمل ڪرڻ ۾ آهي سياسي اختلاف جمهوريت جي خوبصورتي هوندي آهي پر جڏهن اِهو اختلاف ٽڪراءُ ۽ محاذ آرائي جي صورت اختيار ڪري وٺي ته ان جو سڀ کان وڏو نقصان عام ماڻهو کي ئي ڀوڳڻو پوندو

آزاد ڪشمير ۾ سرگرم مختلف عوامي ڌرين ۽ جوائنٽ عوامي ايڪشن ڪميٽي تازن ڏينهن ۾ جيڪي مطالبا سامهون آندا آهن تن ۾ وزن ضرور آهي پر ڀارت جي هميشه اِها ڪوشش رهي آهي ته پاڪستان ۾ رهندڙ ڪشميري مهاجرن بابت شڪ ۽ سوال پيدا ڪيا وڃن تنهن هوندي به، ڪشمير ۾ هلندڙ احتجاجي تحريڪن ۽ سياسي اڳواڻن جي سرگرمين مان اِهو ثابت ٿيو آهي ته ماڻهو پنهنجن مسئلن جي حل لاءِ منظم نموني سان پنهنجو آواز اٿارڻ چاهين ٿا. سياسي مبصرن جو چوڻ آهي ته جڏهن عوامي تحريڪون ۽ سياسي قيادت هڪ ٻئي جي ڳالهه ٻڌڻ ۽ سمجهڻ لاءِ تيار ٿين ته ٽڪراءُ جا امڪان گهٽجي وڃن ٿا ۽ سڌارن جا رستا وڌيڪ کلي وڃن ٿا. اِها ئي ڪنهن به جمهوري سماج جي اصل طاقت هوندي آهي اڄ آزاد ڪشمير جا نوجوان اڳي کان گهڻو وڌيڪ باشعور ۽ پنهنجي حقن بابت سجاڳ ٿي چڪا آهن اڄ جا نوجوان سوشل ميڊيا، تعليم ۽ جديد رابطي جي ذريعن وسيلي ملڪ توڙي دنيا جي سياست کان چڱيءَ ريت واقف آهن هو چاهين ٿا ته سندن چونڊيل نمائندا رڳو واعدا نه ڪن پر روزگار، تعليم، صحت، روڊن ۽ ٻين بنيادي سهولتن سياحت، ماحولياتي تحفظ ۽ سيڙپڪاري جهڙن اهم معاملن بابت به واضح ۽ عملي رٿابندي پيش ڪن ان ڪري هاڻي سياسي اڳواڻن جي ڪاميابي جو معيار رڳو وڏا جلسا يا ماڻهن جا ميڙ نه رهيا آهن پر عوام جا مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيت وڌيڪ اهم بڻجي رهي آهي ڪشمير جو مستقبل رڳو چونڊن سان لاڳاپيل ناهي پر مضبوط ادارن، قانون جي بالادستي، شفاف حڪمراني ۽ عوام جي اعتماد سان به ڳنڍيل آهي جيڪڏهن ماڻهن کي انصاف ملي، نوجوانن لاءِ اڳتي وڌڻ جا موقعا پيدا ٿين، مقامي حڪومتون مضبوط هجن ۽ فيصلن ڪرڻ واري عمل ۾ عوام کي حقيقي شموليت ملي، ته علائقي ۾ سياسي استحڪام پائيدار قائم ٿي سگهي ٿو تنهن ڪري سڀني سياسي ڌرين جي گڏيل ذميواري آهي ته پنهنجن اختلافن کي دشمني ۾ تبديل نه ٿيڻ ڏين ۽ ذاتي يا پارٽي مفادن بدران عوام جي ڀلائي کي ترجيح ڏين اِها حقيقت به نظرانداز نٿي ڪري سگهجي ته ڪشمير جو مسئلو عالمي سطح تي پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي جو هڪ اهم بنياد آهي اهڙي صورتحال ۾ آزاد ڪشمير اندر سياسي استحڪام ۽ عوام جو اتحاد نه رڳو اُتان جي ماڻهن لاءِ پر پاڪستان جي قومي موقف لاءِ به وڏي اهميت رکي ٿو جڏهن ملڪ اندر جمهوري عمل مضبوط هوندو آهي ته دنيا ڏانهن به اِهو مثبت پيغام ويندو آهي ته پاڪستان ڪشميري عوام جي سياسي آواز ۽ جمهوري حقن جو احترام ڪري ٿو. اڄ جي ضرورت اها آهي ته ڪشمير جي سياست کي الزام بازي بدران عوامي خدمت جو ميدان بڻايو وڃي جيڪڏهن سياسي پارٽيون تعليم، صحت، سياحت، ماحولياتي تحفظ، نوجوانن جي ترقي، عورتن جي ڀرپور شموليت ۽ معاشي خودمختياري جهڙن معاملن تي مثبت مقابلو ڪن ته ان جو سڀ کان وڏو فائدو عام ڪشميري ماڻهو کي پهچندو جمهوريت جي اصل ڪاميابي به اها ئي آهي ته ماڻهن جي زندگيءَ ۾ حقيقي سڌارو اچي بلاول ڀٽو زرداري جي تازي دوري هڪ ڀيرو ٻيهر اها بحث ضرور ڇيڙي آهي ته ڪشمير جي مسئلن جو حل رڳو بيان ڏيڻ سان نه نڪرندو. پر سياسي رابطا جاري رکڻ عوام جو اعتماد حاصل ڪرڻ ۽ جمهوري عمل کي بنا رڪاوٽ جاري رکڻ سان ئي ممڪن آهي ايندڙ ڏينهن ۾ ماڻهو جنهن به قيادت کي چونڊيندا، ان لاءِ اصل امتحان رڳو چونڊ کٽڻ نه هوندو، پر عوام جي اميدن ۽ اعتماد تي پورو لهڻ هوندو. ڪشمير جي سرزمين هميشه قرباني، عزت ۽ اميد جي علامت رهي آهي ۽ انهيءَ اميد کي زنده رکڻ لاءِ سڀني سياسي ڌرين کي برداشت، ڊاهپ ۽ عوامي خدمت جو رستو اختيار ڪرڻو پوندو اهو ئي رستو هڪ مضبوط، پُرامن ۽ ترقي يافته آزاد ڪشمير جي تعمير جو بنياد بڻجي سگهي ٿو.

لطيفي لاٽ —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

سَارَنگَ سَارَ لَهِيجِ، اللهُ لَڳِ اَچِيَنِ جِي،
پَاڻِي پوجَ پَٽَنِ تَي، اِرَان انَ ڪَرِيجِ،
وَطَنَ وَسَائِيجِ، تَه سَگهَارِنِ سُکَ ٿِئَي..

لطيف سائين جڏهن انهن علائقن جيڪي برسات جي نه پوڻ ڪري سڪي پوٺا ٿي ويا آهن ۽ اتان جي رهاڪو ملوڪ ماڻهن (سنگهارن) جي ۽ سندن مال جي اهڙي حالت ڏسي ٿو ته سارنگ يعني مينهن کي الله جو واسطو ڏئي ٿو ته "هتن اِي سارنگ، اِي ميگهه ملهار! هي جيڪي هتان جا ماڻهو مال اڄ پيا مرن، تن جي ڪا سار سنڀار لهيج هتي ايترو ته وس جو هي پوٺا ۽ ميدان جل ٿل ٿي وڃن ان جي اپت گهڻي ٿيندي ته سستائي ٿي پوندي ۽ ڪين ڪنهن ڏڪ ڏولائي وارين حالتن جو فڪر ئي نه رهندو هتن ماڳن، وسندين پوٺن تي ايترا ته وسڪارا ڪر جو هر طرف خوشحالي، سک ۽ بي فڪري ٿي وڃي ڪنهن کي به پيٽ گذران لاءِ ماڳ مڪان ڇڏڻا نه پون.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اڄوڪو ڏينهن ..... 22 جولاءِ

مختيار انڙ

نارائڻ شيام



اڄ هند ۽ سنڌ جي مهان شاعر نارائڻ شيام جي جنم جو ڏينهن آهي سندس پورو نالو نارائڻ داس گوڪلداس ناگواڻي هو نوشهري فيروز جي ڳوٺ کاهي قاسم ۾ 22 جولاءِ 1922ع تي سندس جنم ٿيو ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان بي اي جي سند حاصل ڪيائين مسلم مدرسه اسڪول نوشهري فيروز ۾ فارسيءَ جي استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪيائين 1947ع ۾ هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ پنهنجو اباڻو وطن ڇڏي ڀارت جي شهر ممبئيءَ جا وڃي وسيائين ۽ هندستان جي پوسٽ ۽ ٽيليگراف کاتي ۾ نوڪري ڪيائين نارائڻ شيام کي "ڀارت جو شيخ اياز" ڪوٺيو وڃي ٿو شيخ اياز ۽ نارائڻ شيام اهي سنڌي شاعر آهن جن جي شاعريءَ جا وڏ ۾ وڏ مجموعا شايع ٿيا آهن ۽ جن جي شاعريءَ تي وڏ ۾ وڏ لکيو ويو آهي هتن ٻنهي مهان شاعرن کي "جديد سنڌي شاعريءَ جا باني ڪار" چئجي ته غلط نه ٿيندو شيام شاعريءَ جي هر صنف سان خوب نڀايو آهي سندس غزل، هائيڪا، قطعا، سانيٽ، ترائيل، رباعيون، نظم ۽ گيت تخليقي شعور جي بلندين کي ڇهن ٿا. ٻوليءَ جو ميٺاج لفظن جو جڙاءُ ٺيٺ سنڌي تشبيهن جو بهترين استعمال ۽ اندر جي اڌمن جو ڀرپور اظهار سندس شاعريءَ کي تخليق جي بلندين تي پهچائين ٿا. سندس شاعريءَ جا هيٺيان مجموعا سنڌي ادب جو املهه سرمايو آهن: 1. ماڪ ڦڙا (هري دلگير جي ڪلام سان گڏ) 2. پنکڙيون 3. رنگ رتي لهر 4. روشن ڇانورو 5. ماڪ ڀنا رابيل 6. واريءَ ڀريو پلاند 7. آڇيندي لڄ مران 8. مهڪي ويل صبح جي 9. نه سو رنگ نه سرهاڻ 10. ٻوند، لهرون ۽ سمنڊ 11. ذات ۽ حيات. سنڌي ٻوليءَ جي هن انمول شاعر 9 جنوري 1989ع تي پرلوڪ پڌاريو. ڪافي حوالن ۾ سندس وفات جي تاريخ 10 جنوري لکي وئي آهي پر منهنجي خيال ۾ 9 جنوري وڌيڪ صحيح آهي

عبدالقدير خان افغان



اڄ مشهور تعليمي ماهر انجنيئر عبدالقدير خان افغان جي جنم جو ڏينهن آهي هن نالي واري انتظامي سربراهه جو جنم 22 جولاءِ 1926ع تي شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ خانواهڻ ۾ ٿيو هن گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو 1951ع ۾ اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي ڪراچيءَ مان سول انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشن ڪيائين ان بعد 1958ع ۾ امپيريل ڪاليج لنڊن مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين هن 1961ع کان 1963ع تائين لنڊن ۾ پوليمينٽ انجنيئر طور ڪم ڪيو 1963ع کان 1965ع تائين بغداد جي سرڪار جو انجنيئرنگ ۾ صلاحڪار رهيو ۽ بغداد يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر طور به ڪم ڪيائين 1965ع ۾ سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج (جنهن کي هاڻي مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي ڪوٺيو وڃي ٿو) سان لاڳاپجي ويو 1966ع ۾ انهيءَ ڪاليج جو پرنسپال مقرر ٿيو اڳتي هلي اسلام آباد ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ڊپٽي سيڪريٽريءَ ۽ بعد ۾ سيڪريٽريءَ طور ڪم ڪيائين هو سروسز ٽريبيونل جو ميمبر پڻ رهيو هن انمول انسان 9 اپريل 1961ع تي وفات ڪئي

سليم چنا سينئر

هن ناموَر ليکڪ جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1947ع ۾ شڪارپور ۾ ٿيو سندس اصل نالو عبدالغني ولد يارمحمد چنا آهي هن فيڊرل بورڊ آف روينيو ۾ انڪم ٽيڪس جي ڪمشنر ۽ اسسٽنٽ اڪائونٽنٽ جنرل طور ذميداريون سنڀاليون سنڌي ادبي دنيا ۾ هن جو نالو هڪ ڪهاڻيڪار ۽ سنڊيڪار طور ڄاتل سڃاتل رهيو آهي هن جون ترجمون ڪيل ڪهاڻيون سنڌ جي ساک وارن ادبي رسالن ۾ ڇپيون سندس ڪهاڻين جو ڪتاب "لاس اينجلس جي هڪ خوبصورت شام" پڻ ڇپيل آهي هو سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ جو سرگرم ڪارڪن هو سليم چنا سينئر 16 اپريل 2021ع تي وفات ڪئي

نورالهديٰ شاهه

اڄ مشهور ڪهاڻيڪاره، ڊراما نويس ۽ ڪالم نگار نورالهديٰ شاهه جي سالگرهه جو ڏينهن آهي هن جو جنم 22 جولاءِ 1951ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪئي هوءَ اڃا نائين ڪلاس ۾ پڙهندي هئي جڏهن هن جي پهرين ڪهاڻي "حويلي شريف" ڇپجي پڌري ٿي ان بعد هن ڪيترين ئي شاهڪار ڪهاڻيون لکيون سندس ڪهاڻين جا چار مجموعا "ڪربلا"، "جلاوطن"، "رڻ ۽ رڃ جو اتهاس" ۽ "ڪيڏارو" ڇپجي چڪا آهن هن جو پهريون ڊرامون "جنگل" 1983ع ۾ جڏهن پاڪستان ٽيليويزن تان ٽيليڪاسٽ ٿيو ته مقبوليت جا سڀئي رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيائين ان بعد هن جا لکيل ڪيترائي ڊراما سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ ٽيليڪاسٽ ٿيا، جن ۾ آسمان تڪ ديوار، ماروي، اب ميرا انتظار ڪر، حوا کي بيٽي ۽ ٻيا شامل آهن 2013ع واري قائم مقام حڪومت ۾ سنڌ جي اطلاعات واري وزارت جو قلمدان سندس هٿ ۾ رهيو بعد ۾ هن جيو ٽي وي تي پروڊيوسر ۽ هم ٽي وي تي اسڪرپٽ رائيٽر طور ڪم ڪيو اڳتي هلي اي پلس ٽي وي جي سي اي او طور ڪم ڪيائين. هوءَ ٻول ٽي وي ۽ ڪجهه ٻين نجي ٽي وي چئنلن سان به لاڳاپيل رهي آهي هن ڪيترائي ڪالم پڻ لکيا آهن

عبدالغني صديقي

عبدالغني صديقي سنڌ جو هڪ ايماندار آفيسر ۽ سياسي ڪارڪن هو هن جو جنم 24 ڊسمبر 1950ع تي پاٽ شريف ۾ ميان علي گوهر صديقيءَ جي گهر ٿيو 1974ع ۾ پوليس کاتي ۾ ڊي ايس پي مقرر ٿيو ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي سيڪيورٽي آفيسر طور ذميداريون سنڀاليائين شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت کان پوءِ بيگم نصرت ڀٽي کيس 70 ڪلفٽن تي پارٽي معاملا سنڀالڻ جون ذميداريون سونپيون جنرل ضياءَ الحق جي دور ۾ کيس ڪيترائي ڀيرا جيل ۾ نظربند ڪيو ويو هن ڪجهه وقت پيپلز پارٽي سنڌ جي جنرل سيڪريٽريءَ طور پڻ ڪم ڪيو پيپلز پارٽيءَ جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ محترمه بينظير ڀٽو کيس پنهنجو مشير مقرر ڪيو انهيءَ دوران هن جي نوڪري بحال ڪئي وئي اڳتي هلي هن کي ايس ايس پي اينٽي ڪرپشن ڪراچي مقرر ڪيو ويو هن ايس ايس پي طور سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ ڪم ڪيو ۽ بعد ۾ ڪراچي رڙو پوليس ۾ اي آءِ جي مقرر ڪيو ويو 22 جولاءِ 1994ع ۾ قلات بلوچستان ويجهو هڪ آئل ٽينڪر جو سندس ڪار سان ٽڪر ٿي پيو جنهن ۾ سائنس گڏ سندس گهر جا ست ڀاتي شهيد ٿي ويا 1994ع ۾ حيدرآباد ۾ سندس ياد ۾ ٽرسٽ اسپتال قائم ڪئي وئي جيڪا اڄ به "غني اسپتال" جي نالي سان مشهور آهي انهيءَ اسپتال جي هڪ شاخ پاٽ ۾ پڻ کولي وئي

مومن بلو



مومن بلو سنڌ جو مشهور صحافي هو هن 22 جولاءِ 1967ع تي پنهنجي عاقل جي ڳوٺ ڪوٽ بلا ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو. ابتدائي تعليم پنهنجي ئي ڳوٺ جي اسڪولن مان حاصل ڪري ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين ٻارهين ڪلاس جو امتحان مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان انگريزي ادب ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪيائين کيس صحافت ۽ ادب سان ننڍي هوندي کان ئي دلچسپي رهي ڪاليج مئگزين ۾ سندس مضمون ڇپجندا رهندا هئا تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ڪل وقتي صحافيءَ طور مختلف انگريزي رسالن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين هن انگريزي رسالو The Reporter جاري ڪيو پاڻ ئي انهيءَ جو ايڊيٽر رهيو هن سنڌ جي انتظامي تاريخ متعلق هڪ ڪتاب "چارلس نيپئر کان محمد ميان سومري تائين" لکيو. جيڪو سنڌيءَ ۽ انگريزيءَ ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو ان کان علاوه هن سنڌ جي مختلف شهرن جي تاريخ بابت ڪتاب ڇپرايا. مومن بلي 3 نومبر 2015ع تي وفات ڪئي

فقير عبدالغفور

اڄ سنڌ جي مهان راڳيءَ فقير عبدالغفور جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي يڪتاري ۽ چپڙيءَ تي سُر وڪيندڙ هن راڳيءَ جو جنم 1910ع ڌاري حيدرآباد ۾ ٿيو سندس والد جو نالو صالح محمد لکڻ هو هو فقط پنج درجا پڙهيو ڳائڻ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هئس هن ننڍي محمد خان جي راڳيءَ حاجي خان کان راڳ جي ابتدائي سکيا ورتي مشهور شاعر محمد بخش ڪوجهي هن کي سچل سرمست جي مزار تي وٺي ويو، ان کان پوءِ هن فقيراڻو رنگ اختيار ڪيو هن ڪجهه وقت استاد منظور علي خان کان به راڳ جي سکيا ورتي 1955ع ۾ جڏهن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد قائم ٿيو ته هن ريڊيو تي ڳائڻ شروع ڪيو ريڊيو تي هن جي آواز ۾ ٻلاڙي پٽ ڏٺي سچل سرمست ۽ ٻين صوفي شاعرن جا ڪلام رڪارڊ ڪيا ويا، جن ٻڌندڙن ۾ وڏي مقبوليت ماڻي قلم مٺڙا شال ملن ۾ هن جو ڳايل شيخ اياز جو مشهور گيت "سنڌڙيءَ تي سر ڪير نه ڏيندو سهندو ڪير ميار" تمام گهڻو مشهور ٿيو سنڌ جي ثقافت کاتي پاران هن ڪيترن ئي ملڪن ۾ پنهنجي آواز جو جادو جاڳايو حڪومت پاران کيس حسن ڪارڪردگيءَ جي ايوارڊ سان نوازيو ويو ان کان علاوه لطيف ايوارڊ، سچل ايوارڊ ۽ ٻيا ايوارڊ حاصل ڪيائين هن 22 جولاءِ 1986ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو

سيد اظهر گيلاني

هن مشهور شاعر ۽ نثر نويس جو جنم 11 آڪٽوبر 1915ع تي ضلعي قمبر شهدادڪوٽ تعلقي وارهه جي ڳوٺ لالو راڻڪ ۾ ٿيو سندس اصل نالو سيد انور علي شاهه ۽ والد جو نالو اصغر علي شاهه گيلاني هو ان وقت جي دستور مطابق قرآن، فارسي، عربي ۽ سنڌيءَ جي ابتدائي تعليم پنهنجي علائقي جي مدرسن مان حاصل ڪيائين انگريزيءَ جي تعليم هاءِ اسڪول گهوٽڪيءَ مان حاصل ڪيائين شاعريءَ ۽ ادب سان ننڍي هوندي کان ئي دلچسپي هئس 1952ع ڌاري "قصر الادب" نالي هڪ ادارو کولي 25 جي لڳ ڀڳ ڪتاب ڇپرايائين پاڻ مختلف اخبارن جو ايڊيٽر پڻ رهيو جن ۾ هفتيوار عالمگير، افلاطون سچ طوفان ۽ هفتيوار ذوالفقار شامل آهن هن مختلف موضوعن تي تقريبن 2 سئو ڪتاب لکيا هن 22 جولاءِ 2006ع تي هن دنيا مان موڪلايو

پروفيسر گل محمد پٽي



اڄ فزڪس جي مشهور ماهر ۽ استاد پروفيسر گل محمد پٽيءَ جي وفات جو ڏينهن آهي هن ماهر استاد جو جنم 1946ع ڌاري ٽنڊي آغا ۾ ٿيو انٽر تائين حيدرآباد جي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڙهيو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان فزڪس ۾ ايم ايس سي جي سند حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات ڪاليج ۾ فزڪس جي ليڪچرار طور ڪيائين هن سڄا سارا 35 سال حيدرآباد جي مشهور مسلم سائنس ڪاليج ۾ پڙهايو اڳتي هلي انهيءَ ڪاليج ۾ پروفيسر ۽ فزڪس شعبي جي چيئرمين طور ڪم ڪيائين هن انمول انسان 22 جولاءِ 2019ع ۾ وفات ڪئي

روزاني عبرت

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب گارڊين جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
گارڊين سوٽ نمبر 96 سال 2026

مسمات بي بي بيواه سائين بخش جوکيو رهندڙ ڳوٺ عطر جوکيو پي او امام بخش مري ديهه 29 داد تعلقو نوابشاه .. اپيليڪينٽ..بخلاف.. مسمات الهه بچائي بيواه پير بخش رهندڙ ڳوٺ عطر جوکيو پي او امام بخش مري ديهه 29 داد تعلقو نوابشاه ....اپوننٽس (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج

.نالي مٿئين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين اپيليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي صغيرن نالي (1) ساجد علي (2) ماجد علي جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 22-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

گارڊين جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر36 سال 2026

مسمات ساجده پروين .. پلينٽف..بخلاف.. غلام مرتضيٰ ولد غلام حسين ذات ملاح رهندڙ حرڪيمپ نزد بروهي چوڪ سڪندرآباد ڪوٽڙي ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ مينٽيننس آف پلينٽف عدت پيريڊ ۽ ماٿر لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 23-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات عائشه .. پلينٽف..بخلاف.. سجاد ولد عبدالجبار ذات ڪنڌ رهندڙ منظور آباد ڪالوني دادو سيل نمبر 03292092350 ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ مينٽيننس اينڊ رڪوري ڊليوري ايڪسپينس جي درخواست زير قلم S-17-A تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

فيملي / سول/ گارڊين جج II قاضي احمد
(روبرو جناب امانت علي ڪوسو)
گارڊين سوٽ نمبر 23سال 2026

(1)مسمات شمشاد بيواهه محمد اقبال رهندڙ ڳوٺ پناهه ڏاهري تعلقو قاضي احمد .. اپيليڪينٽ..بخلاف.. (1) معشوق علي (2) مسمات حسنه بانو (3) عنايت علي (4) آصف علي (5) مسمات نجمه سڀ پٽ ڌيئرون مرحوم محمد اقبال (6) جنرل پبلڪ ......اپوننٽس

.نالي مٿئين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين اپيليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،25 29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 31-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي / سول/ گارڊين جج II قاضي احمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات نورالنساء .. پلينٽف..بخلاف.. علي اڪبر ڪوراني ولد مرحوم خدا بخش ڪوراني رهندڙ گهر نمبر B-548 محله مستري محمد ابراهيم ميمڻ دادو سيل نمبر 03403355644......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

فيملي / سول/ گارڊين جج II قاضي احمد
(روبرو جناب امانت علي ڪوسو)
فيملي سوٽ نمبر 55سال 2026

مسمات اقبال خاتون ڌيءِ يعقوب ڪلهوڙو .. پلينٽف..بخلاف.. منصور احمد ولد محمد هارون ڏيٿو رهندڙ ڳوٺ غلام قادر تعلقو قاضي احمد ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 23-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي / سول/ گارڊين جج II قاضي احمد

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
فيملي سوٽ نمبر 80سال 2026

مسمات شمائلا ڌيءِ محمد يعقوب ذات راجپوت رهندڙ گهر نمبر 362/B راجپوت محله وارڊ نمبر 01 سعيد آباد ضلعو مٽياري .. پلينٽف..بخلاف.. شبير احمد ولد محمد ادريس ذات راجپوت رهندڙ جاتيه ڳوٺ محله پي او شهدادپور ضلعو سانگهڙ ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ رڪوري داوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 25-07-2026 تي ...

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج 12th حيدرآباد
گارڊين سوٽ نمبر 207 سال 2026

مسمات مهوش ڌيءِ محمد بچل .. اپيليڪينٽ..بخلاف.. محسن بلوچ ولد محمد حسن بلوچ رهندڙ گهر نمبر 244 حرڪيمپ بدليه ڪالوني ...

بقايا 30 "روزاني عبرت"

خاصخيلي بلاجواز پٽ مٽان چوري ۽ ڦر جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي ڪيس جيل منتقل ڪرائي ڇڏيو آهي جڏهن ته گذريل ٽيرنهن سالن کان اسان جي مٽان بلاجواز تشدد ۽ ڳوٺ نيڪالي جون ڌمڪيون ڏئي جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو اٿن پيريس منظور دانهيندي چيو ته ڳوٺ جي چڱن وڏيرن ۽ پوليس اختيارن کي دانهن ڏيڻ باوجود ڪوبه تدارڪ ناهي ٿي سگهيو هن ...

ٺٽون دمبالو پرسان جوابدار ڪهاڙين سان حملو ڪري همراهه کي قتل ڪري ڇڏيو، ڌرڻو

ٻنهي قمبراڻي ۾ غلام رسول ڪلوئي ڪهاڙين سان حملو ڪري محمد افتخار آرائين کي زخمي ڪري ڇڏيو

زخمي کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو ۽ زخمن سهندي دم ڏئي ويو

شهرين ۽ وارثن ٺٽون دمبالو – حيدرآباد، ڏگهڙي مين روڊ تي بند ڪري ڌرڻو هنيو، ٽريفڪ معطل

جوابدار غلام رسول ڪلوئي کي فوري طور گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي: مظاهرين

ٺٽون دمبالو/بدوقمبراڻي (نمائندن وٽان) ٺٽون دمبالو پرسان بدوقمبراڻي شهر ۾ هڪ افسوسناڪ واقعي دوران مبينا طور جوابدار غلام رسول ڪلوئي دڪان تي ويٺل 37 ورهين جي دڪاندار محمد افتخار
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ٺٽون دمبالو/بدوقمبراڻي: مقتول جا وارث لاش رکي احتجاج ڪري رهيا آهن

اسلام ڪوٽ ۾ ڀيل برادري جو بااثر ڌرين

ڪوهه مان پاڻي ڀرڻ کان روڪڻ جو الزام، انصاف جو مطالبو

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ جي ڳوٺ مولهو ڀيل جي رهواسين ڀيل برادري جي ماڻهن عورتن ۽ مردن خميسو هوتو نرسينگهه شنڪر لڇمي ٺڪرڻو
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ: ارڙي وگهي فوت ٿيل ٻارڙن جا مڙهه پيل آهن

خيرپور ۾ ڦر ڪندڙ جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج

ڳوٺ محمود راڄپر واسين زاهد، عالم، غلام قادر ۽ ٻين احتجاج ڪيو

خيرپور(ڊ) ڙري ميرواهه ٿاڻي جي حد ڳوٺ محمود راڄپر جي رهواسين زاهد حسين راڄپر،عالم راڄپر ۽ غلام قادر راڄپر خيرپور پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته بااثر جوابدارهٿيارن جي زور تي ڪين ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن جڏهن ته پوليس کي اطلاع ڏيڻ باوجود اڃا تائين ڪا به اثرائتي ڪارروائي نه ڪئي وئي آهي پريس ڪانفرنس دوران زاهد حسين راڄپر ٻڌايو ته هو رات جي وقت پاڻي جي واري تان پنهنجي گهر واپس اچي رهيو هو
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ ۾ ارڙي وبائي صورت اختيار ڪري وئي، ڀاءُ ۽ ڀيڻ فوت

ڳوٺ هوتو ڪولهي واسي 6 ورهين جي سنيتا ۽ سندس ڀاءُ 3 سالن جي گلاب فوت ٿي ويا

علائقي ۾ ارڙي جي وبا تيزي سان پکڙجي رهي آهي پر صحت کاتي اگهور ننڊ ستل آهي:رهواسي

صحت کاتي فوري طور متاثر علائقن ۾ طبي ٽيمون موڪلي، ويڪسينيشن ۽ حفاظتي اپائن کي يقيني بڻائي

عمرڪوٽ (رپورٽ قاضي يوسف) ضلعي عمرڪوٽ ۾ ارڙي (خسري) جي وبا شدت اختيار ڪري وئي بيماري سبب ٻن معصوم ڀيڻ ڀاءُ جون حياتيون ڳڙڪائي ويون. ڳوٺ هوتو ڪولهي جا رهواسي 6
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

محرابپور ۾ ڳوٺاڻي جو پيرسن والد سان ڪُڌجي پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

محرابپور (ت - ر) محرابپور ۾ ڳوٺاڻي پاران پنهنجي پيرسن والد سان ڪُڌجي پوليس انسپيڪٽر جي مبينا زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي محرابپور تعلقي جي ڳوٺ هوت خان جلباڻي واسي منير احمد جلباڻي پنهنجي پيرسن والد غلام محمد جلباڻي سان ڪُڌجي عوامي پريس ڪلب پهچي
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو ويجهو ڳوٺاڻو ريل گاڏي جي ٽڪر سبب فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ نور حسن شاهه واسي 40 ورهين جو شوڪت علي شاهه ٽڪر سبب فوت ٿي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو ويجهو ڳوٺ باڳو پتو پرسان پشاور کان ڪراچي ويندڙ رحمان بابا ٽرين جي ٽڪر ۾ ڳوٺ نور حسن شاهه جو رهواسي چاليهه ورهين جو نوجوان شوڪت علي شاهه ولد تراب علي شاهه موقعي تي ئي چيپاٽجي فوت ٿي ويو اطلاع باوجود ڏهرڪي پوليس هڪ ڪلاڪ بعد واقعي واري هنڌ پهچي لاش ڪڍائي ڏهرڪي تعلقه اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو جتان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ان موقعي تي هيڊ ڪانسٽيبل ريلوي پوليس جو چوڻ هو ته
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ماٿيلو: فوت ٿيل شخص جو لاش ريلوي ٽريڪ تي پيل آهي

ضلعي ڪائونسل ڪشمور جي 62 ڪروڙ 83 لک کان وڌيڪ بجيٽ منظور

چيئرمين مير گل محمد خان جکراڻي جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي گذريو

تعليم، صحت، صاف پاڻي، روڊن جي تعمير ۽ بنيادي سهولتن لاءِ بجيٽ ۾ رقمون مختص

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ضلعي ڪائونسل ڪشمور جو مالي سال 2026-27 لاءِ 62 ڪروڙ 83 لک 54 هزار 414 رپين جو بجيٽ اڄ ضلعي ڪائونسل جي اجلاس ۾ مڪمل اتفاق راءِ ۽ ايوان جي گڏيل منظوري سان منظور ڪيو ويو اجلاس جي صدارت ضلعي ڪائونسل ڪشمور جي چيئرمين ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي ڪشمور جي صدر مير گل محمد خان جکراڻي ڪئي جڏهن ته ضلعي ڪائونسل ڪشمور جي وائيس چيئرمين ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي ڪشمور جي جنرل سيڪريٽري مير الطاف احمد خان ڪوسو پڻ اجلاس ۾ موجود
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ: ضلعي ڪائونسل جي بجيٽ جو اجلاس ٿي رهيو آهي

سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر ٻاهران ميرپور واسي پيرسن عورت جو پوليس خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر ٻاهران ميرپورماٿيلو جروار لڳ ڳوٺ خدابخش لغاري واسي پيرسن مائي سجل خاتون پوليس خلاف احتجاج ڪندي دانهيو
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران پنج مهينا اڳ گم ٿيل شاگرداڻي آصفه مغل کي بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ

جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان ٽينگري کي خيبر پختونخوا مان بازياب ڪرايو آهي: پوليس

ناري جي گم ٿيڻ کان پوءِ سندس وارثن پاران پنج مهينن تائين بک هڙتالون ۽ پيادل مارچ پڻ ڪيو

مرضي سان نڪاح ڪيو آهي پڇي نه وئي هئس پر نوشهره جي نوجوان سان رضا خوشي شادي ڪئي آهي: آصفه مغل

خيرپور(ڊ)خيرپور پوليس جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان ڪامياب ڪارروائي ڪندي پنج مهينا اڳ هنگورجا پرسان گم ٿيل ڏهين جماعت جي شاگرداڻي آصفه مغل کي خيبر پختونخوا جي علائقي نوشهره مان بازياب ڪرائي ورتو آهي،ايس ايس پي
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

خيرپور: اغوا ٿيل ناري آصفه مغل جنهن کي بازياب ڪرايو ويو

ڪنڌڪوٽ ۾ ينگ ٽيچرز جو 14 مهينا گذرڻ باوجود پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج

استادن کي 14 مهينا گذري چڪا آهيم اڃا تائين ڊيٽابيس ۾ تيار ناهي ڪئي وئي:مظاهرين

خميس کان ناظم ڪامپليڪس آڏو احتجاجي ڪيمپ قائم ڪرڻ جو اعلان

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ورڪنگ ڪاميٽي ينگ ٽيچرز ڪنڌڪوٽ طرفان گڏجاڻي 14 مهينا گذرڻ باوجود استادن کي پگهارون نه ملڻ خلاف پريس ڪلب ڪنڌ ڪوٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري پگهارون ڏيو پگهارون ڏيو جا اپ ڏاريندڙ نعرا هنيا ان موقعي تي ورڪنگ ڪاميٽي ، اڳواڻن استاد علي حسن بنگوان استاد ڪليم الله پيو استاد منظور احمد اوگاهي استاد علي حيدر بنگوان استاد رفيق احمد قمبراڻي استاد احمد حسن (خان) چاچڙ محمد علي ملڪ سليم پتو امتياز علي سومرو اعجاز بنگوار ۽ ٻين استادن چيو ته آخري فيز جي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

اسسٽنٽ ڪمشنر ڙري ميرواهه مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي 11 گودام سيل ڪري ڇڏيا

مذڪوره گودامن ۾ وڏي مقدار ۾ غيرقانوني ڪڻڪ ذخيرو ڪئي وئي آهي: اي سي

غيرقانوني ذخيري خلاف تعلقي انتظاميا جون ڪارروايون بنا ڪنهن فرق جي جاري رهنديون

سيٺارجا (ن ع) ڪڻڪ جي ذخيري خلاف تعلقي انتظاميا جو وڏو ڪريڪ ڊائون 11 گودام سيل،سيٺارجا پرسان بوزدار وڏا ۾ ڪڻڪ جي مبينا غيرقانوني ذخيري خلاف تعلقي انتظاميا وڏي ڪارروائي ڪندي 11 گودام سيل ڪري ڇڏيا اسسٽنٽ ڪمشنر ڙري ميرواهه گل فيصل الاهي رئيساڻي جي اڳواڻي ۾ ڪيل آپريشن دوران انتظاميا سيال پمپ پرسان موجود گودامن تي ڇاپا هڻي قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي اسسٽنٽ ڪمشنر موجب انتظاميا کي اطلاع مليو هو ته مذڪوره گودامن ۾ وڏي مقدار ۾ ڪڻڪ ذخيرو ڪئي وئي آهي.
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ: ايس ٽي پي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

مورو واسڻ جو مڙس جي ظلمن خلاف احتجاج، پٽ کي اغوا ڪرڻ جو الزام، انصاف جو مطالبو

مورو(ن ع) مورو پريس ڪلب ۾ ملياڻي واسڻ عورت ساجدان پروين جو چوڻ آهي ته منهنجي شادي علي حسن پنهور ڪي هئي جنهن مان هڪ ننڍڙو احسن علي پيدا ٿيو جيڪو اڳ ڪيسيو ورڻ ڪورٽ معرفت
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

بدين: انجنيئر حاجي نور محمد ميمڻ لاڏاڻو ڪري ويو

بدين (ڊ ر) پروفيسر سرجن ڊاڪٽر عبدالستار ميمڻ حاجي محمد موسيٰ ميمڻ بشير الدين ميمڻ جو وڏو ڀاءُ ۽ نويد احمد، نديم نعمان سهيل ،شعيب ميمڻ جو والد نوجوان صحافي فرحان ميمڻ جو چاچو
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ ويجهو پوليس مقابلو فائرنگ ۾ اهلڪار زخمي، جوابدار فرار، گهر ڊاهي پٽ

ڳوٺ درمحمد ابڙو ۾ جيئن پوليس پهتي ته 5 هٿيارٻندن مٿان فائرنگ شروع ڪري ڏني

هٿيارٻندن جون گوليون لڳڻ سبب اهلڪار عنايت علي ٻهر زخمي ٿيو، حيدرآباد اسپتال منتقل

واقعي بعد دادو پوليس جو سرچ آپريشن، جوابدارن جي گهرن تي ڪارروائي ڪري گهر ڊاهي ڇڏيا

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ويجهو پوليس ۽ ڌهارين وچم مقابلو، گوليون لڳڻ ڪري اهلڪار زخمي ، حيدرآباد منتقل ڳوٺ درمحمد ابڙو ۾ پوليس ۽ هٿيارٻند ڌهارين وچم مقابلي دوران فائرنگ ۾ گوليون لڳڻ ڪري ڪڪڙ جي پوليس
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ:زخمي اهلڪار واقعي واري هنڌ تي پيل آهي

ڄام نوازعلي ويجهو جهنگ مان تازو ڄاول ٻار هٿ، اسپتال منتقل

ڳوٺ جان محمد ڪلوئي واسي ٻار کي ڏسي ڪڍائي نجي اسپتال منتقل ڪيو

ڄام نوازعلي(ن ع) ڄام نوازعلي ٿاڻي جي حد ڳوٺ جان محمد ڪلوئي ۾ بي رحم ڪٽ ور انسان زنده تازو ڄاول ٻار جهنگ ۾ اڇلائي فرار جهنگ ۾ ڳوٺاڻن معصوم ٻار کي زنده حالت ۾ ڏسي ورتو ڳوٺاڻن ڪيس جهنگ مان ڪڍي اسپتال منتقل ڪيو ڳوٺاڻن موجب بي رحم انسان ٻار کي جهنگ ۾ ڦٽو ڪري ويا معصوم ٻار زنده حالت ۾ ڪيس هٿ ۾ ڪينولا به
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ صالح پٽ واسي آبادگارن جو پاڻي ڪوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو

آر ڊي 104 جي آبادگارن غلام رسول مهر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

پاڻي ڪوٽ سبب سوين ايڪڙ بيٺل فصل ۽ زرعي زمين بنجر ٿي رهي آهي: مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ) صالح پٽ (آر ڊي 104) جي ٽيلن هارين فصلن کي پاڻي نه ڏيڻ جي عمل خلاف سکر پريس ڪلب جي سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ نعريبازي ڪئي مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي رهيا هئا مظاهري جي اڳواڻي غلام رسول مهر باغ علي مراد حسين شمن علي گل ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي ٽيلن هارين چيو ته صالح پٽ (آر ڊي 104) ۽ ان جي آس پاس وارن علائقن ۾ ڪينال جي پاڻي جي مسلسل بندش ۽
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ڊي سي گهوٽڪي ميرپور ماٿيلو ۾ اسٽيٽ آف دي آرٽ چلڊرن اسپتال ۾ سهولتن جو جائزو ورتو

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ۽ ايس ايس پي گهوٽڪي محمد انور کيتران ميرپور ماٿيلو ۾ قائم ٿيندڙ اسٽيٽ آف دي آرٽ چلڊرن اسپتال جو دورو ڪري مختلف وارڊن طبي سهولتن ۽ جاري تيارين جو تفصيلي جائزو ورتو ان موقعي تي ڊي ايڇ او ڊاڪٽر راٺو آفتاب ۽ اسپتال جو عملو پڻ موجود هو ان
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو: ڊي سي گهوٽڪي اسٽيٽ آف دي آرٽ چلڊرن اسپتال جو دورو ڪندي

سينئر صحافي سهيل سانگي جو وڏو فرزند آفيس کان گهر ايندي گم

نادرا ۾ آفيسر طور ڪم ڪندڙ فياض سانگي عائشه منزل کان نڪرندي گم ٿي ويو

پي ايف يو جي، ايڇ يو جي ۽ صحافتي تنظيمن پاران فياض سانگي جي باحفاظت واپسي جو مطالبو

آءِ جي سنڌ پاران معاملي جو نوٽيس، اختيارين مسلسل رابطي ۾ آهن: ترجمان



ڪراچي(بيورو رپورٽ) سينئر صحافي سهيل سانگي جو وڏو فرزند فياض احمد سانگي گذريل ڏينهن پنهنجي آفيس کان ٻاهر ايندي گم ٿي ويو فياض احمد سانگي عائشه منزل جي نادرا سينٽر
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

سيٺارجا ويجهو هٿيارٻند اڳوڻي ڪائونسلر کان روڪ رقم ۽ سامان ڦري ويا

سيٺارجا(ن ع) سيٺارجا ويجهو علي بحر واهه وٽان نامعلوم هٿيارٻندن يوسي محسن
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

خيرپور ويجهو روڊ حادثي ۾ ٻه نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

سنڌي ڪربلا واري علائقي ۾ ڪارگو لوڊر کي اوچتو باهه لڳي وئي

زخمي محمد رمضان نائچ ۽ عمير کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

خيرپور(ڊ)خيرپور جي سنڌي ڪربلا واري علائقي ۾ هڪ ڪارگو لوڊر کي اوچتو باهه لڳي وئي جنهن سبب ٻه ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا. زخمين ۾ محمد رمضان نائچ ۽ عمير ميمڻ شامل آهن جيڪي سکر جي الله واري ڪالوني جا رهواسي آهن اطلاعن موجب ٻئي ڄڻا خيرپور ڪنهن ڪم سان اچي رهيا هئا ته رستي ۾ سندن ڪارگو لوڊر کي اوچتو باهه لڳي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ هو سخت سڙي زخمي ٿي پيا. زخمين کي فوري طور علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي.

جهول ويجهو پيرسن مرگهي دوري سبب شاخ ۾ ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ قائم خان جلالاڻي واسي 70 ورهين جو پنهون جلالاڻي دم شاخ ۾ ٻڏي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍرائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

جهول (ن ع) جهول ويجهو پيرسن شاخ ۾ ٻڏي فوت، فوتي جو لاش جهول پوليس پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال پهچايو فوتي جي جسم تي تشدد جو نشان ناهي پاڻي ۾ ٻڏڻ ڪري موت ٿيو آهي (ڊاڪٽر) پيرسن کي مرگهي جا دورا پوندا هئا ،علاج هلندڙ هو (وارث)، پيرسن ڪاوڙجي سنڌي گهر ڇڏي پاڻيجن وٽ رهندو هو (ذريعا)....... خبر موجب اڱاري ڏينهن صبح جو سوير جهول ٿاڻي جي حد ساڌوڙي واري علائقي معشوق موري وٽ ڳوٺ قائم خان جلالاڻي جو رهواسي 70 ورهين جو پيرسن پنهون جلالاڻي مرگهي جو دورو پوڻ ۽ پير ترڪڻ
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: هڪ مداري باندر جو ناچ ڏيکاري رهيو آهي

دڙو برانچ جي ريگيوليٽر ۾ اٽڪايل شخص جو لاش ڦاٿل

پڃاري ڪينال مان لڙهي آيل لاش ڪلاڪن تائين ريگيوليٽر جي دروازي ۾ ڦاٿل رهيو

لاش مسلسل دروازي ۾ ڦاٿل هجڻ باوجود پوليس ڪي به قدم نه کنيا

دڙو (ن ع) دڙو برانچ جي ريگيوليٽرن ۾ اٽڪايل شخص جو لاش ڦاٿل ڪافي ڪلاڪ گذرڻ باوجود انتظاميا لاش نه ڪڍرايس دڙي ويجهو دڙو برانچ جي ريگيوليٽرن جي دروازي نمبر 1 ۾ اٽڪايل شخص جو لاش ڦاٿل، اٽڪايل شخص جو لاش پڃاري ڪينال مان لڙهندو اچي دڙو برانچ جي بند بيل دروازي اڳيان بيٺل ٻي پاڻي وال ۾ ڦاسي پيو دڙو پوليس طرفان ڪافي ڪلاڪ گذرڻ باوجود ڦاٿل لاش کي ڪڍڻ لاءِ ڪي به قدم نه کنيا، پڃاري ڪينال پرسان رهندڙ رهواسين موجب لاش مسلسل هڪ ڪلاڪ کان ريگيوليٽرن جي
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو ٻاگو ٽنڊو محمد خان ۾ ڪڻڪ جي ذخيره اندوزي خلاف ڪريڪ ڊائون، 3 گودام سيل

ضلعي انتظاميا، فوڊ کاتي ۽ حساس ادارن پاران گڏيل ڪريڪ ڊائون ڪيو ويو

چاپن دوران حاجي ضمير، وڪيل ميمڻ ۽ ڪيلاش سامتاڻي جي گودامن کي سيل ڪيو ويو

ٽنڊوبولاخان(ن ع)ٽنڊو ٻولاخان ۾ ڪڻڪ جي ذخيره اندوزي خلاف انتظاميا جو ڪريڪ ڊائون 3 گودام سيل ، سنڌ حڪومت جي هدايتن تي ڪڻڪ جي غيرقانوني ذخيره اندوزي، ناجائز منافعي خوري خلاف ٽنڊوبولاخان ۾ ضلعي انتظاميا، فوڊ کاتي ۽ حساس ادارن پاران گڏيل ڪريڪ ڊائون ڪيو ويو،اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊوبولاخان برڪت علي ڪلهوڙو فوڊ کاتي
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوبولاخان: ڪڻڪ جي ذخيره اندوزي خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

ڪنڊيارو ۾ هٿيارٻندن جي دڪانن تي ڪاهه، لکين رپين جي ڦرلٽ

هٿيارٻندن بشير ملاح ۽ وقار سومرو جي دڪانن تي ڪاهه، يرغمال بڻائي ڦرلٽ ڪئي

هٿيارٻند روڪ رقم، موبائيل فون ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦري ويا آهن: متاثرين

ڪنڊيارو(ن ع) ڪنڊيارو شهر جي انصاري محلا چوڪ تي نامعلوم هٿيارٻند ڦورن ٻن الڳ الڳ دڪاندارن وقار سومرو ۽ بشير ملاح کان هڪ لک رپين کان مٿي روڪ رقم موبائيل فون ۽ ٻيو سامان ڦري ڪري فرار ٿي ويا متاثر دڪاندار وقار سومرو چيو ته ڇهه هٿيارٻند هٿيارن جي زور تي ٻنهي دڪانن مان هڪ کان مٿي روڪ رقم موبائيل فونن ڦر ڪري فرار ٿي ويا هتي مطالبو ڪيو ته ڦر واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

ماڪ لغاري جي آزادي لاءِ ٺٽي ۾ جسقم جو احتجاجي مارچ

مڪلي کان نيشنل پريس ڪلب ٺٽي تائين ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي وئي

قانون جي شاگرد کي بنا سبب کنيو ويو، ڪافي ڏينهن گذرڻ باوجود ڪو پتو ناهي پيو:مظاهرين

ٺٽو(ڊ ر) جيئي سنڌ قومي محاذ مڪلي يونٽ پاران تازو حيدرآباد مان کنيي گم ڪيل جسقم ضلعي سجاول جي صدر نظير لغاري جي پٽ قانون جي شاگرد ماڪ لغاري جي آزادي لاءِ پبلڪ پارڪ مڪلي کان نيشنل پريس ڪلب ٺٽي تائين احتجاجي مارچ ڪيون؛ سخت نعري بازي ڪئي انهي موقعي تي جسقم ضلعي ٺٽي جي صدر غلام نبي کٽي، فراز چانڊيو مالڪ بروهي، خالد خشڪ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته بنا ڪنهن سبب جي هڪ نوجوان جيڪو قانون جو شاگرد آهي ان کي کنيي گم ڪيو ويو آهي قومي ڪارڪن ۽
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڏيپلو تعلقي اسپتال هيناهين واري هنڌ تي نامڻ خلاف عوام جو احتجاجي مظاهرو

اسپتال پاڻي جي ليپيٽ ۽ گڏيل آبادي سبب مريضن لاءِ ڏکيائين جو سبب بڻيل آهي:مظاهرين

اسپتال عوامي سهولت لاءِ آهي، فيصلا عوامي راءِ کي نظر ۾ رکي ڪيا وڃن

مٺي (ڊ-ر) ڏيپلو تعلقي اسپتال هيناهين واري علائقي ۾ نئين سر تعمير ڪرڻ خلاف ڏيپلو جو باشعور عوام روڊن تي نڪري آيو ڏيپلو اسپتال پاڻي جي ليپيٽ ۽ گڏيل آبادي ۾ هجڻ سبب عوام تڪليفن کي منهن ڏئي رهي آهي تعلقي اسپتال ڪنهن مخصوص معاشين واري علائقي ڏانهن شفٽ ڪرڻ جو مطالبو ڏيپلو اسپتال وڏي عرصي کان پاڻي جي ليپيٽ هيٺ اچي ٿي جنهن سبب ڏورانهن علائقن کان ايندڙ هزارين مريضن کي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو ٿو پوي، اسپتال نئين سر تعمير ساڳي جاءِ تي ڪرڻ بجائي ڪنهن مخصوص
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ ميگهواڙ برادري جو ڇوڪري جي مبينا اغوا خلاف احتجاجي مظاهرو

نثار احمد انڙ اسان جي ڀيڻ پوڄا ميگهواڙ کي اغوا ڪرايو آهي: مظاهرين

ڪيس لاڳاپيل ٿاڻي تي داخل ڪرائڻ باوجود نه ته ڇوڪري بازياب ٿي سگهي

بدين (ڊ ر) ٽنواري شريف پرسان ڳوٺ اشرف آباد جي ميگهواڙ برادري جي رهواسين پنهنجي ڇوڪري جي مبينا اغوا خلاف بدين پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو هن موقعي تي اشوڪ ڪمار جمعون ميگهواڙ سرجو ويرو ڏاڙهون هيرو ۽ ٻين چيو ته هو مقامي زميندار نظر محمد انڙ جي پٽ نثار علي انڙ وٽ هاري ۽ ڪريڪٽر ڊرائيوري ڪندا آهن سندن چوڻ هو ته زميندار وٽ سندن پورهئي جا لڳ ڀڳ 10 کان 15 لک رپيا بقايا آهن متاثرن الزام هڻندي چيو ته اسان پنهنجي ڀيڻ پوڄا جي شادي لاءِ جڏهن زميندار کان پنهنجا حلال جا پئسا
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

بدين: ميگهواڙ برادري پاران ڇوڪري جي مبينا اغوا خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڏگهڙي پرسان اسڪول وين سيم نالي ۾ ڪري پئي، ڊرائيور ۽ استاد محفوظ

سرفراز واهه نالي ۾ پيش آيل حادثي بعد مقامي ماڻهن پهچي وين ۾ سوارن کي بچائي ورتو

حفاظتي ديوار نه هجڻ سبب سيم سيم نالو خطرناڪ بڻيل آهي: شهري

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي پرسان سرفراز واهه جي سيم نالي ۾ هڪ اسڪول وين ڪري پئي، خوشقسمتيءَ سان ڪو به جاني نقصان نه ٿيو حادثي وقت وين ۾ موجود ڊرائيور ۽ هڪ استاد معجزاتي طور محفوظ رهيا.واقعي جي اطلاع ملندي ئي مقامي ماڻهو پهچي ويا ۽ پنهنجي مدد پاڻ تحت سيم نالي ۾ ڪريل اسڪول وين مان سوار ماڻهن کي محفوظ نموني ٻاهر ڪڍي ورتوعلائقي واسين جو چوڻ آهي ته سرفراز واهه جو برساتي سيم نالو حفاظتي ديوار نه هجڻ سبب انتهائي خطرناڪ بڻجي ويو آهي، جڏهن ته نالن جي پرسان حفاظتي
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڇنبڙ پرسان ٻار اغوا ڪرڻ جي مبينا ڪوشش ناڪام، عورتن جو ٽولو پڪڙجي پيو

ڄارڪي اسٽاپ لڳ ڳوٺ خان محمد بوزدار ۾ 7 ورهين جي ٻار کي کڻڻ جي ڪوشش

ٻار جي رڙين تي ڳوٺاڻا پهچي ويا، عورتن جي ٽولي کي گهيري پڪڙي پوليس حوالي ڪيو ويو

ڇنبڙ پوليس 8 عورتن ۽ 2 مردن کي تحويل ۾ وٺي جاچ شروع ڪري ڇڏي

ڇنبڙ (ن ع) ڇنبڙ ويجهو ڄارڪي اسٽاپ لڳ ٻار اغوا ڪرڻ جي مبينا ڪوشش، عورتن جو ٽولو ڳوٺاڻن هٿان پڪڙجي پيو ڇنبڙ ويجهو ڄارڪي اسٽاپ لڳ ڳوٺ خان محمد بوزدار ۾ مبينا طور عورتن جي هڪ ٽولي پاران 7 ورهين جي زيد حسين ولد محمد عامر بوزدار کي کڻي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي، اطلاع موجب ٻار جي رڙين ۽ دانهن تي ڳوٺاڻا فوري طور گڏ ٿي ويا ۽ عورتن جي ٽولي کي پڪڙي ورتو ڏريعن موجب، عورتن پهچڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڳوٺاڻن ناڪابندي ڪري ڪين فرار ٿيڻ نه ڏنو واقعي جي اطلاع تي ڇنبڙ
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

مورو لڳ نوجوان عورت پراسرار نموني فوت، وارثن پاران ساهرن تي قتل جو الزام

ڳوٺ گل محمد جيسر واسي شاهدان زال نصير جيسر پراسرار نموني گهر ۾ فوت ٿي وئي

ٻي سال اڳ پسند جي شادي ڪرڻ تان جرڳي ذريعي ڏنڊ عيوض پيڻ نصير احمد جيسر کي ڏني هئي: ڀاءُ

پيٽ کي زهر ڏئي قتل ڪري ناٽڪ ڇڪڻ جو بهانو بڻايو ويو آهي، شفاف جاچ ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

مورو (رپورٽ خدا بخش ميمڻ)مورو پرسان سڌهوجا ٿاڻي جي حد ڳوٺ گل محمد جيسر جي رهواسي نوجوان عورت شاهدان زال نصير جيسر پراسرار نموني فوت ٿاري جو لاش سول اسپتال منتقل ڊاڪٽرن پاران
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڪنڊياري: هڪ ڏينهن جو لاوارث معصوم ٻار

ميونسپل ڪاميٽي مٽي جي 58 ڪروڙ کان وڌيڪ ٽيڪس فري بجيٽ منظور

چيئرمين ڊاڪٽر منوج ڪمار ملاڻي جي صدارت هيٺ بجيٽ اجلاس ٿي گذريو

شهر جي خوبصورتي، روڊن، نيڪال نظام ۽ نون ترقياتي ڪمن لاءِ ڪروڙين رپيا مختص

مٽي (ڊ ر) ميونسپل ڪاميٽي مٽي جو بجيٽ اجلاس ميونسپل ڪاميٽي مٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر منوج ڪمار ملاڻي جي صدارت ۾ ميونسپل ڪاميٽي هال مٽي ۾ ٿيو جنهن ۾ سال 2026/27 جي ٽيڪس فري ۽ بجٽ واري ساليانو بجيٽ پيش ڪئي ويئي جنهن ۾ ڪل 58 ڪروڙ 17 لک 87هزار 547 روپيا سمورن خرچن لاءِ مختص ڪيا ويا آهن جنهن ۾ ملازمن جون پگهارون توڙي پينشن به شامل آهن. ان کان سواءِ مٽي شهر جي خوبصورتي لاءِ سوا ڪروڙ روپيا، پيور بلاڪ سي سي روڊن لاءِ ڏيڍ ڪروڙ روپيا، نون گٽر لائين ۽ مرمت
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

مٽي: ميونسپل ڪاميٽي جي بجيٽ جو اجلاس ٿي رهيو آهي

هالا ويجهو ڳوٺ ٻچل خاصخيلي جي رهواسي پيرسن جي بااثرن خلاف احتجاج

هالا (ت ر) هالا ويجهو ڳوٺ ٻچل خاصخيلي جي رهواسي پيرسن منظور خاصخيلي ڳوٺ جي بااثرن خلاف هالا پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي صحافين آڏو دانهيندي ٻڌايو آهي ته ڳوٺ جي بااثر ماڻهن حاجي ابراهيم ـ شير محمد ۽ عنايت
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ڪپرو لڳ هٿيارٻندن پاران موٽرسائيڪل ڦر مزاحمت تان نوجوان کي قتل ڪري ڇڏيو، احتجاج

عمرڪوٽ روڊ تي همير فقير موڙ ويجهو هٿيارٻندن پيرو ڪولهي کي يرغمال بڻائي ڦر ڪوشش ڪئي

مزاحمت تي هٿيارٻند ڪيس گوليون هڻي موٽرسائيڪل ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا

واقعي خلاف علائقي واسين جو لاش سميت روڊ بلاڪ ڪري ڌرڻو هڻي جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو

ڪپرو لڳ ڏينهن ڏٺي جو هٿيارٻندن پاران موٽرسائيڪل ڦر ڪرڻ دوران مزاحمت ڪرڻ تي نوجوان کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو وارثن ۽ علائقي واسين جو لاش سميت عمرڪوٽ روڊ تي ڌرڻو ماحول
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڄام نوازعلي: ۾ مستحقن جي رقم مان ڪٽوتي ڪندڙ ٽن جوابدارن خلاف اي ٽي سي جا ڪيس داخل

ڄام نوازعلي(ن ع) ڄام نوازعلي ٿاڻي جي حد ڳوٺ جان محمد ڪلوئي جي مختلف ڳوٺن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي مستحق عورتن کان مبينا غير قانوني ڪٽوتين واري معاملي ۾ پوليس
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

روهڙي ۾ بيروزگاري، غربت سبب پيرسن زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

قريشي محلي واسي 50 ورهين جي محمد عامر انتهائي قدم کنيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

سکر(بيورو رپورٽ) روهڙي جي قريشي محلي ۾ 50 سالن جي محمد عامر پنهنجي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو جنهن ۾ بيروزگاري، غربت ۽ ذهني پريشاني ۾ مبتلا هجڻ جو انت آڻي ڇڏيو واقعي ڪانپوءِ علائقي جو ماحول سوڳوار ٿي ويو جڏهن ته خاندان غم ۾ ٻڏل هو مقتول پنهنجي پويان هڪ ڌيءُ، چار پٽ ۽ ٻيا سوڳوار ڇڏي ويو اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ لاش وارثن جي حوالي ڪيو ويو. واقعي تي علائقي ۾ ڏک ۽ غم جي لهر ڇانيل آهي.

قاسم آباد جي خانگي هاسٽل ۾ شاگرداڻين پاران ٻارڙي کي جنم ڏئي مارڻ جي ڪوشش

خانگي گرلس مسعوداڻي گرلس هاسٽل شاگرداڻي ي ٻارڙي کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي

روم ميٽ جي اطلاع تي پوليس پهچي ڄاول ٻارڙي ۽ ماءُ کي تحويل ۾ وٺڻ بعد ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪئي

وحشي ماءُ ٻارڙي کي ڇرين جا وار ڪري آنڊا ٻاهر ڪڍي ڇڏيا آهن، زخمي کي سول اسپتال منتقل ڪيو آهي: پوليس

ڄامشورو (ڊ ر) قاسم آباد جي خانگي هاسٽل ۾ رهندڙ شاگرداڻين هڪ ٻارڙي کي جنم ڏئي ٻارڙي کي مارڻ جي ڪوشش پوليس کي اطلاع ملڻ بعد پوليس ٽيئن ڄاول ٻارڙي ۽ ماءُ کي تحويل ۾ وٺڻ بعد
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

پشاور: ٻوڏ جا پاڻي ۾ ماڻهو ويٺل آهن

ڄامشورو لڳ ٽول پلازه عملي جو وڪيلن تي سخت تشدد، واقعي خلاف احتجاجي ڌرڻو

اڪرو ٽول پلازا عملي پاران وڪيل خدا بخش ٽيهو، اسد راڄڙ ۽ علي رضا ميمڻ تي ٽيڪس معاملي تشدد ڪيو

واقعي جي اطلاع تي وڪيل وڏي تعداد ۾ اڪرو ٽول ٽول پلازا وٽ پهچي ڌرڻو هڻي احتجاج ڪيو

ڊي ايس پي مظاهرين وٽ پهچي حملا آور خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو يقين ڏياري ڌرڻو ختم ڪرايو

ڄامشورو (ڊ ر) اڪرو ٽول پلازا عملي جو ٽئڪس ماسري تي وڪيلن تي مبينا تشدد ڪيڙا ليڙون ليڙون وڪيلن جو ٽول ۽ اي سيڪشن ٿاڻي اڳيان احتجاجي چار گرفتار گرفتار ٿيلن مٿان ڪيس داخل ڪيو وڃي. وڪيل ڄامشورو اڪرو ٽول پلازا وٽ سيوهڻ روڊ تي ڄامشورو ڊسٽرڪٽ سيشن ڪورٽ کان گهر منظور آباد ويندڙ سنڌ هاءِ
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ڪاڇي ۾ زهريلو ڪاڏو کائڻ سبب عورتن ۽ ٻارڙن سميت 13 ڄڻا بيهوش

فريدآباد پرسان ڳوٺ وڏي بيٽل ۾ سڪي ٻلي کائڻ بعد گهر جا ڀاتي بيهوش ٿي ويا

متاثرن ۾ معصوم ٻارڙا ۽ عورتون شامل، ڪيترن جي حالت ۾ تعلقا اسپتال ميهڙ منتقل

ميهڙ(ن ع) ڪاڇي جي علائقي فريدآباد پرسان ڳوٺ وڏي بيٽل ۾ زهريلو ڪاڏو کائڻ سبب عورتن ٻارڙن سميت 13 ڄڻا بيهوش ٿي پيا ڳوٺ وڏي بيٽل ۾ زهريلي سڪي ٻلي کائڻ سبب شمن بروهي ۽ اختيار خاصخيلي جا گهرڀاتي ٽنين ٻارن، عورتون 5 ورهين جي نفيسا ، 6 سالن جو ذاڪر، 8 سالا جي تازيا ، 8 سالا شهمير خاصخيلي ,12 سالا روبينا ، 15 سالا فوزيا , 13 سالا بينظير , 17 سالا فرزانا , 28 سالا جان زادي , 15 سالا موسل بروهي سميت 13ڄڻا بيهوش ٿي ويا جن کي ڳنڀير حالت ۾ تعلقا اسپتال ميهڙ نيو ويو آهي
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: حراسان جو شڪار ٿيل ليڊي اهلڪار ۽ ڊي ايس پي جا فائيل فوٽو

ايس ايس پي گهوٽڪي ليڊي اهلڪار کي حراسان ڪندڙ ڊي ايس پي جي ريڊر کي برطرف ڪري ڇڏيو

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ليڊيز پوليس اهلڪار ڪرن شيخ کي مبينا طور حراسان ڪرڻ جو الزام ثابت ٿيڻ بعد ايس ايس پي گهوٽڪي محمد انور کيتران ڊي ايس پي ميرپور ماٿيلو محراب خان جي ريڊر پوليس اهلڪار شاهنواز پنهور کي نوڪري تان برطرف ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب ڪجهه وقت اڳ پوليس
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

سڄاول واسي جي مبينا گمشدگي خلاف وارثن جو احتجاجي مظاهرو

ماڪ لغاري جي گمشدگي خلاف لغاري برادري ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو

پوليس اهلڪار نوجوان ۽ سندس دوست کي تشدد بعد پاڻ سان وٺي ويا:مظاهرين

سڄاول (ڊ ر) سڄاول واسي نوجوان ماڪ لغاري جي مبينا گمشدگي خلاف لغاري برادري پاران احتجاجي ريلي ۽ مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي ريلي ماسون لاڏو چوڪ کان نڪري پبلڪ پارڪ تائين پهتي. جتي مظاهرين سخت نعريبازي ڪندي نوجوان جي بازيابي جو مطالبو ڪيو مظاهري ۾ لاپتا نوجوان جي وارثن نظير لغاري، شاهجان لغاري، فاروق لغاري، شفيع محمد لغاري سميت سلطان ڪوسو محمد خان پنهاڻ منظور ميمڻ ۽ ٻين سماجي اڳواڻن شهرين ۽ برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي وارثن صحافين سان
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

سڄاول: مغوي جي بازيابي لاءِ وارث احتجاج ڪندي

نصيرآباد واسين جو بااثر جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

نصيرآباد(ن ع) تعلقه پريس ڪلب نصيرآباد ۾ مولوي باقر کهاوڙ محمد علي کهاوڙ ۽ علي ڏنو کهاوڙ جي گڏيل پريس ڪانفرنس ۾ چيو ته گورنمينٽ بوائز هاءِ
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

صحافي رياض جي ڀاءُ فياض احمد جي گمشدگي تي ٿر پريس ڪلب جو ڳڻتي جو اظهار

سرڪاري آفيسر جو گم ٿيڻ سنگين معاملو آهي،محفوظ بازيابي يقيني بڻائي وڃي:ٿر ڏٺي

صحافين پاران وفاقي گهرو وزير، سنڌ حڪومت ۽ آءِ جي سنڌ کان فوري نوٽيس جي اپيل

مٺي (ڊ-ر) ٿر پريس ڪلب مٺي پاران سينيئر صحافي سهيل سانگي جي پٽ ۽ بي بي سي جي رپورٽر سينيئر صحافي رياض سهيل جي ڀاءُ فياض احمد جي گمشدگي تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو آهي صحافين ڪاڪاڻوجاڻي ، ننداڻل لوهاڻو علي گل رند، جي آر جونيجو نظام سمون ناٿرام ميگهواڙ الهڏنو بجير نرسنگهه سوڍو ۽ ٻين سخت ڳڻتي جو
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

اي سي ڪرنڊيجي مختلف گودامن تي ڇاپا هڻي لڪايل ڪڻڪ هٿ ڪري ورتي

خيرپور(ڊ)سنڌ ۾ ڪڻڪ جي غير قانوني ٻاهر منتقلي ۽ ذخيرا اندوزي ڪندڙ واپارين خلاف سنڌ حڪومت جي حڪم تي ڪارروائين جو سلسلو جاري آهي اسسٽنٽ
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ ايس ٽي پي جو غيرقانوني آبادڪاري خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين ڊپٽي ڪمشنر آفيس اڳيان مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي

غيرقانوني آبادڪاري سان روزگار، امن امان ۽ قومي سڃاڻپ متاثر ٿي رهي آهي: مظاهرين

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) غيرقانوني افغانين جي نيڪالي ۽ غيرقانوني آبادڪاري خلاف ايس ٽي پي جو حيدرآباد ۾ احتجاج ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد کي يادداشت ڏنيو پيش، سنڌ ترقي پسند پارٽي ضلعي حيدرآباد پاران غيرقانوني افغاني پناهگيرن ۽ ٻين پرڏيهين جي نيڪالي ۽ غيرقانوني آبادڪاري خلاف ڊپٽي ڪمشنر آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي: سيم نالي ۾ ڪري پيل اسڪول وين

ٽنڊوالهيار ۾ ايس ٽي پي جو سنڌ مان ڌارين جي نيڪالي لاءِ احتجاج

مظاهرين ڊي سي آفيس آڏو احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري سخت نعريبازي ڪئي

ڌارين جي اچڻ سبب سنڌ واسين جي روزگار ۽ حقن کي نقصان پهچي رهيو آهي: اڳواڻ

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران سنڌ مان ڌارين جي نيڪالي لاءِ ڊي سي آفيس اڳيان مير محمد پتافي، محبوب سمون جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ڪئمپ قائم ڪئي وئي ايس ٽي پي ڪارڪنن احتجاجي ڪئمپ تي هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان سنڌ جا اصل وارث آهيون پر اسان جا ٻچا بيروزگار آهن ڌاريا اسان جي حقن تي ڌاڙو هڻي سموريون سهولتون کڻي رهيا آهن جيڪي اسان کي ملڻ گهرجن هئن چيو ته افغاني ڌاريا سنڌ جي زمينن
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

دوڙ ۾ پيپلز پارٽي جو اجلاس، پاڻي تي ڌاڙي خلاف احتجاج لاءِ رابطا مهم تيز ڪرڻ جو فيصلو

دوڙ (ن ع) دوڙ پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صوبائي صدر محترم نثار احمد کهڙو جي حڪم تي سنڌو درياءَ تي سودي حڪومت طرفان ڌاڙو هڻڻ ۽ پاڻي روڪڻ خلاف تعلقه وائيز هيڊ ڪوارٽرن ۾ احتجاجي تحريڪ کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ٻئي مرحلي جي گڏجاڻي 24 جولائي تي احتجاجي تحريڪ کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار: ايس ٽي پي پاران سنڌ مان ڌارين جي نيڪالي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.